سنڌي ناول ۾
مالهيءَ جي يگاني دين



قلمڪار: هولارام هنس

H-4(82)

"سنڌي ناول ۾ مالهيءَ
جي يگاني ڏين"

000068

قلمڪار:
هولارام هنس

بيسٽ سنڌي سڀا، ممبئي.

سال - ٤١ پشپ - ٤١ سن - ١٩٩٨

هيءُ ڪتاب

پيش ڪريان ٿو سنڌ جي سپٽن،

ڀاءُ ٽاجل ٻيوس ۽ ڀيڻ ماهتاب محبوب،

ادي ناز سنائي ۽ ادي وليرام ولڀ،

ڀاءُ غازي صاحب شر ۽ ڀاءُ عبدالله جيسر

جي شان ۾.

— هولارام هنس

Sindhi Novel Mein Malhi-a-ji Yugani Den

Author : Holaram Hans
M. A. Hons.

Address :
3/3, Saraswati Nagar,
Hasija Corner,
Thane (E) 400603.
Tel 5403758

Cost : Rs. 25/—

Copies : 500

Year : Cheti Chand 1998

Printer :
Shri Madhawdas Achhra
Shree Geeta Printing Press
Ulhasnagar-421003.
Tel. 544616

Publisher :
BEST Sindhi Sabha,
Mumbai-400039.

سنڌ مان هڪ خط

مانوارا سائين هولارام هنس،
شال خوش هجو،
اڄ اسان جي پياري سڄڻ
عبدالله جيسر صاحب اوهان
سان خط و ڪتابت جي ڄاڻ
ڏني ۽ لڇمڻ داس صاحب جي
شاعريءَ جو مجموعو "اُڃ ٻڙ
اُڀاڻڪو" مهڙبي لاءِ ڏنائين ۽
"لب ٻر مهراڻ" جي ڪاپي
پڙهڻ لاءِ ڏني اٿس. اِهيءَ
ڀَلائي اوهان جي خط پڙهڻ
جو ٻڻ موقعو مليو. اوهان سان
واقفيت اوهان جي ڪتاب
'Sindhi Short Stories' ۽
"ٻي عظيم شاعر" وسيلي ٿي
آهي. اوهان جون اهي
ڪاوشون قابل قدر آهن.

اوهان جو
ولي رام ولڀ

پيش لفظ

فنڪار ڪي عظمت پرکڻ
لاءِ سندس فن ۾ هيٺين ڳالهين
جو هجڻ لازمي آهي:

1) سندس فن جي جڙ
سندس ملڪ، ماڻهن ۽ مٽيءَ ۾
هجڻ کپي. 2) سندس لکي
خيالن جي اڏام ۽ اونهائي، 3) هن جي فن ۾ انساني
عالمگير جذبن جو اظهار ۽ اوک ڏوک، 4) وسيع
مطالعو ۽ مشاهدو ۽ مکيه ڳالهه ته هر ڳالهه کي فنائتي
نموني پيش ڪرڻ جو ڏانءُ ۽ ڏات.

اڄ اسين مالهي صاحب جي ناولن تي ٿي
سوچيندا سين. هن صاحب 24 ناول لکيا آهن .....
"انقلابي سپاهيءَ" کان وٺندي "پاپي" ناول تائين.
هن ناميارا ناول لوهس جا ناول، (1) سنڌي لوڪ
ڪهاڻين تي ٻڌل ناول، 2) ڪلپنڪ ناول، 3) اتهاسي
ناول، 4) جاسوسي ناول، 5) سماجڪ ناول، 6) خطن
ناول ۽ 7) آتم ڪهاڻيءَ واري طرز پيرائيءَ وارا
ناول .... وغيره حصن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. هن جا
ڪي ناول سگهه الت آهن ته ڪي وري ڏک الت

سلسلو

١. پيش لفظ ١
٢. مالهيءَ جي واقفيت ٧
٣. مالهيءَ جي ناولن جون ڪهاڻيون ... ١٥
٤. مالهيءَ جي ناولن جا ڪردار ١٧
٥. مالهيءَ جي ناولن جا وشيه ٢٦
٦. مالهيءَ جي ناولن تي سنڌس نجي جيون جو اثر ٣٠
٧. مالهيءَ جي ناولن ۾ سنڌيت جو جهلڪو ٣٥
٨. مالهيءَ جي ناولن ۾ سماج سڌار ٤١
٩. مالهيءَ جي ناولن تي مارڪسزم جو اثر.... ٤٤
١٠. مالهيءَ جي ناولن ۾ رومانوي جهلڪو ٥٠
١١. مالهيءَ جي ناولن ۾ ڪائنات جو چٽ ٥٧
١٢. مالهيءَ جي ناولن ۾ ديش ڀڳتيءَ جو جهلڪو.... ٦٠
١٣. مالهيءَ جي ناولن ۾ خيالن جي پختائي ٦٤
١٤. مالهي ۽ شاهه لطيف ٧٠
١٥. مالهيءَ جي عبارت ٧٣
١٦. مالهيءَ جي سپڪ ۽ سهڻي سنڌي زبان.... ٧٧
١٧. مالهيءَ جي ناولن ۾ مذاقي ماحول ... ٨٦
١٨. مالهيءَ جي ناولن ۾ لوڪ ڪهاڻيون ۽ لوڪ گيت ٩٣
١٩. مالهيءَ جو اڌوران ناول.... .... ٩٧
٢٠. ناول جو فن ۽ مالهي ١٠١
٢١. اوڪ، ٻوڪ ١٠٤
٢٢. الختم باب ١١٥
٢٣. مالهيءَ جي ناولن جا نالا ١٢٢

هر اديب، هر تخليقڪار ۽ هر ڪلاونت سان لاڳو آهي.

ڇاڪاڻ جو راڻو آهي نه .... وقت، ذات جي وڏي پرک آهي! ڪنهن اديب جو ادب زنده جاويد آهي يا نه، اهو وقت ئي ثابت ڪندو. سندس فن جي امرتا يا پائيندگي وقت سان معلوم ٿيندي. جنهن ڪلاڪار جي روح ۾ ڪلاسڪ ديوانگي آهي اُن جي ئي ڪلا امر رهندي .... هن جون صرف سؤ امر سٽون، هن کي امر ڪري سگهن ٿيون.

مون مالهي صاحب جا ناول پڙهيا ۽ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته هو صاحب هڪ ڪامل ڪلاڪار آهي ۽ آهي اعليٰ اديب.

هن صاحب گهڻيئي ڪومل ڪهاڻيون ۽ ناليرا ناٽڪ به لکيا آهن پر هن صاحب کي ساهتيه اڪاڊمي انعام به هڪ ناول، جنهن جو سرو آهي: ”پيار جي پياس“.... تي ئي مليو آهي.

ڪي اديب هن صاحب کي ”ناول سمراٽ“ به ڪري سڏن ٿا.

هن صاحب جا پر جڏهن پرواز ۾ هوندا آهن تڏهن ئي هيءَ صاحب لکي سگهندو آهي. هيءَ راتين جو رولاڪ آهي ۽ اندر جي آگ ئي باهر باقيندو آهي. هن تي مذهب يا سياست وغيره جو ڪوبه جنون چڙهيل نه آهي. سڀ انسان هن جا پيارا

آهن. هن جي سڀني ناولن ۾ آشا جو پلڙو ڀاري آهي.

هن صاحب جي ناولن ۾ اسان کي ١) عمديون ڪهاڻيون ٢) ڪامل ڪردار، ۴) سپڪ سلوڻي ۽ سهڻي سنڌي ٻولي، ۴) مارڪزم جو اثر، ٥) سنڌيت جي سڪ جو ٻول بالا، ٦) موهيندڙ محاورا ۽ ٧) مذاقي ماحول وغيره ملن ٿا ۽ ملن ٿا وڻندڙ واقعا ۽ گدگدائيندڙ گفتگو.

هاڻي سوال ٿو اٿي ته هر لکندڙ کي اسين ليکڪ، فنڪار، ڪلاڪار يا ساهتيڪار ڪري ڪوٺي ٿا سڏيون ڇو؟

مون کي انگلستان جي ڪامل ڪويءَ ڪيٽس جو هڪ قول ٿو ڌيان ۾ اچي. هن صاحب تمام ٿورو لکيو هو ۽ ٢٥ سالن جي ڄمار ۾ مري ويو هو. هيءَ صاحب چوي ٿو:

If poetry comes not as naturally as the leaves to a tree it had better not come at all.

هن جو مطلب ٿيو ته .... جيڪڏهن شاعري اهڙي سڀاوڪ نموني ۾ نه اچي، جيئن وڻ تي پن اچن، ته بهتر ٿيندو ته هوءَ اچي ئي نه!

منهنجي خيال موجب مٿين ڪامل جو قول نه صرف "ڪويءَ" سان پر هر ڪلاڪار، هر فنڪار ۽

لاءِ اُڀرندو آهي.

پنهنجي انسان جي زندگيءَ جا واقعا هُن جي روح ۾ رچي شراب ٿي نڪرندا آهن.

هيءُ صاحب سنڌي زبان جو هڪ باغي ليکڪ آهي. هن کي ڏسڻ سان ائين لڳندو آهي ته هيءُ صاحب سنڌ ديس جي صدين پراڻي مٽي آهي. هن هميشه انسان جي امن ۽ آزاديءَ جا ئي گيت ڳايا آهن ۽ نور نگاه جون ڏيئون جلايون آهن. هُن صاحب جي ناول جي هر صفحي تي شاهه، سچل ۽ ساميءَ جا خيال ائين پکڙيل آهن جڻ ڪ ڪنهن مصور نقاش، بي انتها مستيءَ جي عالم ۾ اچي لکيل رنگن جا ڪيئي ڏيا پنهنجي ارد گرد ٻاري ڇڏيا آهن.

هُن قلمڪار پنهنجي قلم جي نوڪ سان غريب جي بک، مسائل ۽ ڪرب کي چٽڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي.

هُن بت تراش، زينت، سنتيءَ، آشا، حليما، ڪشني ۽ ڪملا وغيره جهڙا ڪردار گهڙيا آهن ۽ گهڙيا آهن ٻچوءَ جهڙا پهلوان.

جُون تا پيرسنيءَ ۾ فڪر جي پختگي ۽ گهرائي جهجهي انداز ۾ ملي ٿي جا هن صاحب جي تازي ناول ”پاپيءَ“ مان ظاهر آهي. ائڪو انڪار سنڌام

آهن. هن جي ناولن ۾ لفظن جا لاتعداد گل ڦل اُسريل آهن، هيءَ هميشه حقيقت ۽ تصور کان متاثر ٿيل آهي، معصوم جي دل جي شيشي کي شراب ڀاري وڌو هو ته وري هن صاحب جي دل کي اعليٰ ادب ۽ انسان جي ڏک ڀاري وڌو آهي، سندس پيالي ۾ ادب روپي شراب ٿي اُبرڪا ڏيئي رهيو آهي. هر انسان لاءِ محبت ٿي هن جي فن جو سرچشمو آهي.

هن جي ناولن ۾ انسان کي جنسي محبت جو سرچشمو نه مليو. جنهن ۾ جهيڙي جهٽي مڙ ٻري آگ، وڇوڙي جي ڄر ۾، لماڻيون اکڙيون، ڳوڙها ۽ ڳراٽڙيون، ولڙ ۾، وه جهڙيون وراڻيون، رسڻ ۽ پرچڻ.. هڪ طرف، ته روحاني عشق ٻئي طرف باڪمال فنڪار وانگر چٽيل ملي ٿو.

هن اديب جي اک ۽ دل ٻين انسان جي اکين ۽ دلين کان مختلف آهي. هو پنهنجي ماحول ۽ روح ۾، جي ڳالهيون محسوس ڪري سگهي ٿو، سي ٻين جي احساس کان مٿڀريون آهن، ۽ جنهن طرح هو انهن ڳالهين کي لفظن جو جامو پهرائي سگهي ٿو، ان طرح ٻيو ڪو به انسان نٿو ڪري سگهي.

هن ازلي حسن جون جهلڪون به ڏٺيون آهن....
سندس روح هميشه پاتار ۾ پهچي سچون سولجهڻ لاءِ منتظر هوندو آهي. هنجو روح هميشه ڇنڊ کي ڇهڻ

" واقفيت "

جڏهن هي صاحب، شاهه جو ڪلام پڙهندو آهي ته ازلي مستي وٺو والڪر هن تي وڌندي ايندي آهي جا هن جي روح کي ڇولين جي ڇوهه ۾ ڇوٽيءَ تي چاڙهي ڇڏيندي آهي. جتان هو من روئي سمنڊ جي سيني ۾ گهوڙي ڏسندو آهي ۽ هن جو روح پاتار ۾ پيهي سپون سوجهڻ لڳندو آهي.

قد جو پورو، شڪل جو شاهاڻو، ڪليل پيشاني، سهڻي سواهاري، ڇوغو ۽ ڇوليدار، پيرن ۾ چمپل، ڪاري صدري، پري کان ئي فنڪار لڳندو آهي. جڏهن جڏهن مان هن کي ڏسندو آهيان ته ائين لڳندو آهي ته راڳ ۽ ولراڳ هن تي هميشه ميڻهن مثل وسي پيو.

خواب ۽ خيال هن جي حافظي جي خزاني ۾ موتين مثل جرڪندا آهن.

هي صاحب نه صرف ناول نويس ۽ ناٽڪڪار آهي پر آهي هدايتڪار، ڪهاڻي نويس ۽ ڪلاڪار پڻ! سنڌي ڊرامي جو هڪ مڃيل اڳواڻ آهي مالهي!! سنڌي ٻولي، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ کي اڳتي آڻڻ جو جنون هن جي سر تي سدائين سوار رهيو

ڪرڻا پرک ....

.... تيرا ڀاڻا مٺا لاڳي نام پدارٿ نانڪ مانگي

...... گرو بابو انگ سنگ سهاءِ ٿيندءِ ....

اسين ڪهڙيءَ زمين مان ٿا اچون، اُن مان انه، جا سنتن ۽ صوفين جي ٻولي مٺي وڻندي هئي. جتي مندر مسجد ۾ روشن هڪ ڏيئو آهي .... جڳ مرندو آهي، ترشنا نه مرندي آهي ...... انسانيت ڪنهن فرقي ۽ جاتيءَ کان بهتر آهي .... جنهن گهر ۾ شاهه جو رسالو نه آهي، سو سنڌي گهر ئي نه آهي .... شاهه، گرو نانڪ ۽ ڪبير، ڳالهه ساڳي ٿا ڪن ...... اهڙيون سوين سٽون ملنديون اوهان کي "سنڌي ٻاڻيءَ" جي مک مان.

چون ٿا ساهتيه اهو جو سوچڻ لاءِ مجبور ڪري، ساهتيه زندگيءَ جي تصوير ۽ تنقيد آهي ۽ آهي آلوچنا ۽ ارمان .... ناول معنيٰ نئون، موضوع ۽ هيئت جي خيال کان نئون .... ڪالهيءَ جو هر ناول نئون آهي، پڙهي ڏسو. هن جا ناول اوهان جي روح کي چاندوڪيءَ جي چادر ۾ ويڙهي ڇڏيندا.

ڪرڻ ڪئي. اهڙو ڪو به قانون نه ٺاهيو وڃي جو انسان جي عزت کي ضرب رسائي. انسان جي بنيادي حقن سان ڪڏهن به هٿ چراند نه ڪئي وڃي ۽ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن جو ان کي محتاجي نه ڏسڻي پوي.

هيءَ ”ماڻهيءَ“ ٺالي وارو فنڪار هميشه سنڌي ۽ سنڌيت جي ڀلي ڀهبوديءَ جي خيالن ۽ خوابن ۾ مخمور رهيو ...... هيءَ انهن کان چوٽيءَ ٺاءِ هڪ سپنو ٿي چڪو آهي....... هن جي قلم ۽ ذهن جي شعلي کي ٻجهائي نٿو سگهجي...... جيستائين سنڌي آهن هيءَ امر رهندو!

هڪ ڳالهه جنهن مونکي وڌيڪ مائل ۽ متاثر ڪيو سا هن ”ماڻهيءَ“ جو ڪردار ڀليءَ ڀت اڀاريو آهي. رهنمائي ۽ رهبري، اساهت ڪرڻ ۽ داد ڏيڻ نه ڪو هن کان سکي! ساهتيه روپي چمن ۾ هن ڪيترا ئي ٻوٽا پوکيا، انهن کي پاڻي ڏنو، گرم ۽ سرد هوائن کان بچايو، طوفان وقت سهارو ڏنو، مرڪي ۽ مرڪ وسيلي آسرڻ ڏنو، اُڀرڻ ڏنو.

انڪل ١٥ سال اڳ جي هڪ وارتا اڄ به ذهن ۾ جرڪي رهي آهي. ڪيترن بزرگ ليکڪن چيو: پاڻ ئي ڏڪا ڏوما کائي سکي ويندا آن. آخر هن صاحب وٽ، ڪهاڻين جو فائيل کڻي ويس. ڪهاڻين

آهي. هي صاحب گهوسٽ رائيٽر ۽ فلم ميڪر به ٿي رهيو آهي. ڪهاڻي ڪان وڌيڪ هن ناول کي ترجيح ڏني آهي ڇاڪاڻ جو خود هن جي پنهنجي زندگيءَ جو ڪئنواس ڪافي وڏو رهيو آهي. هن جا مکيه ناول آهن ”آنسو“، ”پيار جي پياس“، ”ڏاهي پر ڏاهي“، ”داسي سيٺ ڪجن“، ”شرم پوئي“ ”پکيئڙا ولر کان وڇڙيا“ وغيره وغيره. هن کي ”پيار جي پياس“ ناول تي ساهتيه اڪاڊمي اوارڊ مليو. هن جي ناولن ۾ اسان کي سنڌ، سنڌيت ۽ اڄ سنڌي ڪردار مليٿو. هن صاحب، گمنام نالن ۾ فلمن لاءِ لکيو به ۽ ”سنڌو جي ڪناري“ فلم ٺاهي.

هي صاحب ”ڪامريڊ“ ڪري ڪوٺيو وڃي ڇاڪاڻ جو شروعاتي دور ۾ هن جو لاڳاپو ۽ لگن سماجواد ۽ انقلابي هلچل ۾ هئي. پر هن صاحب ساهتيه ۽ ڪلا سان وڌيڪ نباهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڌرم ۾ دلچسپي هئڻ پر پوءِ هن کي صوفيزم وڌيڪ ڇڪيو. اڄ هي صحيح معنيٰ ۾ صوفي آهي.... صوفي معنيٰ جنهن جي دل صاف هجي.

انسان جو ضمير ئي وڏي وٿ آهي. هن صاحب ڪڏهن به ضمير جي آواز کي نه ٺڪرايو آهي.

هن جي خيال موجب سچ جي ابروقت ئي حمايت

ڪم وقت ٿيو جو سندي ايڪانڪيءَ جي ابي سر ڳواسي پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ، سندي ناٽڪ کي ”واڇارو“ ڪري سڏيو هو. پر اڄ هن فنڪار ۽ ٻين ڀڳتن ڪلاڪارن جي اُدم ۽ اورچائيءَ سان سندي اسانڪ گو ناگونيت ۽ لوڪ پريتا ۾ اڳي کان اڳرو آهي. ”ناچو“ ۽ ”لمي“، ”ڪفن“ ۽ ”گستاخي معاف“ وغيره هن جون ڀترين ايڪانڪيون آهن.

جاسوسي ناٽڪن جي شروعات ڪندڙ ۽ تمثيلي ناٽڪن جو جنم داتا به مالهي ئي آهي. هيءُ صاحب نه صرف هڪ سٺو ناٽڪ نگار آهي پر سائيءَ وقت اعليٰ اداڪار ۽ عمدو هدايتڪار به آهي.... ۽ رنگ منچ جي سڀني ادائگين جو علم اٿس. انڪري نه هيءُ ناٽڪن ۾ ڪامياب ويو آهي. هن صاحب ٣٥ کان وڌيڪ ايڪانڪيون لکيون آهن.

هن صاحب جي ساهتيه ۽ ڪلا ۾، زندگيءَ جا تجربا، چاڻ، مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي ۽ آهي ڏور نگاهه. هن جا پر جڏهن پرواز ۾ هوندا آهن تڏهن ڪلا ۽ ساهتيه جو سر جهڪ نهندو آهي. مان پانيان ٿو ته هن جيترو ئي ڪنهن سندي ليکڪ نه لکيو آهي. ڪو وقت هو جو هن صاحب ”هيمون ڪالاڻي“ فلم ٺاهي ڪيڏي چاهي ۽ سڪر ۾ وڃي فلمائڻ ٺاهي چاهي. هن جي فقط جيولي نسي پنهنجن پاڳن ۾

جو فائيل وٺي رکيائين، پڙهيائين. وري گهرايائين ۽ راهه روشن ڪيائين. هن ماڻهيءَ جي مهڪ، سڳنڌ ۽ سرهاڻ اڄ به من ۾ ان ئي طاري آهي.

هيءُ ٦٧ سالن جو نوجوان اڄ به چست ۽ ڦڙت آهي ۽ اڄ به بنگال جي شرت چندر چٽرجي ۽ مهاراشٽر جي گوپال ٻلڪنٽ ڏالڀڪر واڱر رولاڪ فطرت جو مالڪ آهي. سنڌيت ۽ سڀيتا، ساهتيه ۽ ڪلا جي هر سڏ تي هيءُ صاحب اڄ به هڪيو حاضر آهي. عمر ڀر آواره گردي ڪندي ڪندي هن صاحب گهڻو ڪجهه پرايو آهي، پاتو آهي لوچيو آهي، لڌو آهي!

انڪل پنجاهه سالن کان هن صاحب جو سنڌي ساهتيه ۽ ناٽڪ جي وڪاس ۽ سنڌي گيت-سنگيت جي ڌس ۾ وڏو يوگدان رهيو آهي. هيءُ صاحب "ڪلاڪار منڊل" جو جنم داتا آهي ۽ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا" جي جنم-داتائن مان هڪ آهي. ترقي پسند دور جي نموريءَ جي هڪ مورتي آهي.

IPTA اپٽا (انڊين پيپلس ٿيٽر ايسوسيئيشن) ۽ رتوڪ گهٽڪ جهڙن فلمڪارن سان گڏجي هن ڪاربه ڪيو آهي ۽ ناٽڪ خاص ڪري ايڪانڪيءَ جي اوسر ۾ هن جو وڏو يوگدان رهيو آهي.

ناڳي ليکڪ آهي پر هن جي ٽلوار تصوف جي ميدان ۾ ڦاٽو آهي. هن جي لکڻين ۾ مون کي، هن جي روح جي مٺڙي موسيقي ٻڌڻ ۾ ايندي آهي.

هن کي مکتي نه کپي. انسان جي دک سان هن کي محبت آهي. ڌرتي هن جي ازلي ماءُ آهي. جنم جنم ٻئڪي وري وري ڌرتيءَ تي موٽي اچڻ ٿو چاهي.

هن ٻليءَ پيت محسوس ڪيو ته سنڌ پيت ۽ سنڌي ٻوليءَ جون جڙون سنڌ ان جي روح ۾ آهن. اڪري ناٽڪن کان پوءِ هن سنڌي گيت ۽ سنگيت جا ڪارنا ڪرم پيش ڪرڻ چالو ڪيا. اٽڪل ٢٥ سال ڏينهن ۽ پرڏيه ۾ سنگيت پروگرام ڏيندو رهيو، پڳولتي ناواٽي ۽ ستهرام روهڙا جي سنگه ۾ ساٿ.

هن صاحب کي مون جاچيو آهي ته هيءُ آدم ۽ آشاوادي نظرئي وارو انسان آهي، ريگستان ۾ ٻه بوستان سجائڻ وارو شخص آهي، مارڪسوادي هوندي به ڌرم کان منڪر نه آهي، هن سچي عمر لکارن کي قبوليو آهي، جماعت ۾ ڪرامت کي مڃيو آهي، هن لاءِ لبدل زندگيءَ جو چڪر آهي، مارڪسواد ۽ صوفيزم جي مرڪب ۾ هن جو وشواس آهي ۽ وشواس آهي هن جو، انسان جي ذاتي چڱائيءَ ۾!

سنڌ ان جي لتا منگيشڪر پڳولتي ناواٽيءَ جي

آهي. انکي ٢٥ کن ناول لکيا آهن ۽ ان کري هن کي "اپنياس سمراٽ" ٿو سڏجي. هن جو ساهتيه ٻين ٻولين ۾ به ترجمو ٿيو آهي. ٻه چار سندس ڪهاڻين جا ڳٽڪا آهن ۽ "گستاخي معاف" "گهوٽ ڪنوار" سندس ناٽڪن جا مجموعا آهن.

هيءُ صاحب خود دار ۽ خود پرست آهي. آءٌ پاليان پيو ته اهي گڻ فنڪار لاءِ لازمي آهن.

1991 سال ۾ هي صاحب سنڌ جي زيارت ڪري آيو ۽ اُن تي ڪتاب لکيائين..... "سنڌي ولا سنڌ ڏسڻ"

هيءُ صاحب نه صرف هند پر سنڌ ۾ به مقبول اديب، فنڪار ۽ ڪلاڪار ڪري مڃيو وڃي ٿو.

سنڌي ساهتيه ۾، هن صاحب کي نثر جي هر هڪ شاخ تي عبور آهي. سارو وقت، هن انسان ۽ ان جي امن ۽ آنند تي قلم آزمائي ڪئي آهي. سامي پنهنجو ڪلام، مت ۾ پوري چڙهندو هو ته هن جي قلم وري ڪايا وري، ناراض يار تي ڇپائي چڙهندو آهي. هي صاحب پنهنجي ماحول ۽ روح ۾ جهڪي ڳالهيون محسوس ڪري ٿو انهن ڳالهين کي پنهنجي قلم جي قوت سان لفظن جو جامو پهرائي ٿو. هن پنهنجي سڄي عمر آرٽ، سچائي ۽ سونهن جي جستجو ۾ گذاري ڇڏي آهي. سنڌ جو هيءُ به هڪ

"ناولن جون ڪهاڻيون"

ناول نويس هر پک ۾ ۽ هر پل ۾ رچنا ڪندو رهي ٿو. هن جو واسطو انساني جيوت سان آهي. هن جي ناول جو ڪينوس آڪاس جيترو وسيع ۽ پاتال جيترو گهرو آهي. ناول نگار انساني روح جو انجنيئر آهي.

منشي پريمچند ڪٿي لکيو آهي ته ڪهاڻين ۽ ناولن جا پلاٽ زندگيءَ مان ڪڍيا وڃن ۽ انهي جيوت جي مسئلن کي حل ڪن.

مالهي صاحب جي ناولن پڙهڻ کانپوءِ مون ڏٺو ته ناولن جون ڪهاڻيون انساني زندگيءَ مان ڪڍيل آهن. جيڪڏهن چوڌاري نهاريندا سين ته ٿاڪو سيٺ ۽ جسيءَ ڪشني ۽ حليما جهڙا ڪردار ۽ انهن جون ڪهاڻيون اسان کي نظر اينديون.

مالهي صاحب جي ناولن جي ڪهاڻين ۾ اسين پنهنجي اکين آڏو ڏسون ٿا ته ڪهاڻين جا ڪردار ڪرتب ڪندو نظر اچن ٿا ۽ مسئلن کي حل ڪن ٿا.

منشي پريمچند کي هند جو گورڪي ۽ گورڪيءَ

موت کان پوءِ هن صاحب ان جي ياد ۾ "مرڪ" مخزن
ڪڍي ڪئي آهي. جنهن ۾ ماڻهي ٻڌجي، سنڌي ڳلن
کي مهڪائي پيو. اُن سنڌي ڪوئل جي ڪوڪ،
اڃا هن جي من ۾ اُن لي طاري آهي.

غالب جو ڪلام آهي:

"وقت جو گهوڙو ڊوڙي رهيو آهي
نه اُن جي واڳ ۾ هٿ آهي ۽ نه رڪاب ۾ پير!"

اياز جو قول آهي:

"وقت هوا جي پرن تي اُڏري رهيو آهي!"

هن ڪلام ۽ قول کي ڌيان ۾ رکندي، هيءَ
صاحب، هن عمر ۾ به سلامت ڪري ويهڻ وارو نه
آهي. سنڌيت ۽ سنڌين جي هر ڪاڻي ۾ اڳيان ۽
اڳتي آهي.

شل سڀ ٻهارون ڏسي وڃي ۽ سنڌيت روپي چمن
کي شاد ۽ آباد ڪري وڃي! آمين!!

"ناولن جا ڪردار"

هن جي ناولن ۾ سورمن جي ڀيٽ ۾ سورمين جو وڌيڪ بول بالا آهي.

ناولن جي جان آهن ڪردار. انهن جي معرفت ئي ناول نگار گفتگو ڪري ٿو ۽ خيال ظاهر ڪري ٿو. هڪ ئي اعليٰ ڪردار، ناول ۾ جان پوري ڇڏي ٿو. هن جي ڏک ۾ پاڻ روئون ٿا ۽ هن جي سک ۾ پاڻ کلون ۽ خوش ٿيون ٿا.

هومر هيلن کي عظيم شاعر شاهه لطيف "ماروئ" کي مها ڪوي ڪاليداس "شڪنتلا" کي ۽ انگلستان جي اعليٰ ادب شيڪسپيئر "ڪلوپيترا" کي پنهنجي قلم واري ڪلا سان امرتا بخشي ڇڏي آهي.

اسان کي به ڏسڻو پوندو ته مالهي صاحب ڪهڙي ڪردار کي امرتا بخشي آهي، قلم واري قوت سان!

مون جڏهن "ٽي عظيم شاعر" ڪتاب پئي لکيو ته دنيا جي ٽن اعليٰ ۽ مايه ناز شاعرن (جهڙوڪ شاهه لطيف، شيڪسپيئر ۽ ڪاليداس جو ڪافي مطالعو ڪيو (هوم). مون ڏٺو ته انهن ٽنهي مهاڪوين ۾ سورمن جي ڀيٽ ۾ سورمين جو بول بالا

ڪي رشيا جو منشي پرمچند ڪري ٿا ڪوٺن. آءُ ڀانيان پيو ته مالهي، سنڌي ساهت جو منشي پرمچند ۽ گورڪي آهي.

مالهي صاحب، روسو والٽر انسان جي بنيادي سڃاڻپ تي زور ڏنو آهي ۽ انسان جي بنيادي شرافت ۾ هن جو ڀروسو آهي.

آهي........ دادا جي ناولن ۾ اسٽري ڪردار، وڌيڪ اثردار، اُڀريل ۽ جاندار هوندو آهي.

سنڌ ۾ ڇوڪرين کي ڪٺ پتلي سمجهيو ويندو هو........ جنهن سان مائٽ چاهين تنهن سان شادي ڪرائين....... پر ”پيار جي شڪست“ ناول ۾ ”گوپي“ ڪٺ پتلي نه آهي، هوءَ پنهنجي مرضيءَ جي مالڪڻ آهي. ليکڪ گوپيءَ ۾ ساهس جو ساهه ڦوڪيو آهي ۽ هنجي دل کي بيدار ڪري ڇڏيو آهي.

”هڪ انسان، سؤ طوفان“ ناول ۾ جسي، بيوه ۽ هڪ اڻ پڙهيل ناري آهي پر پنهنجي عقل ۽ همت سان ناڪوءَ جهڙي داداگير ۽ ڦيرو تي آڻي ۽ ڪائونس شراب ۽ جوئا تي ڇڏائي. ناڪو به هڪ همت وارو ۽ بهادر ڪردار آهي پر اها جسي ئي آهي جا هنڪي انسان مان مهان انسان بڻائي ۽ مٽيءَ مان ماڻڪ ٿي پيدا ڪري.

ڏسو ”انقلابي سپاهي“ ناول ۾ باغي ڇوڪري گريتا جالسن پنهنجي پيءُ کي ڇا ٿي چوي:-

”مان راجنيتيءَ ۾ حصو وٺندي رهي آهيان، هن کان پوءِ هيڪاري وڌيڪ ڀاڱو وٺنديس........ هن وقت هندستان جي مٿان ڪارا ڪڪر منڊلا رهيا آهن. هندستان جي آزاديءَ يا غلاميءَ جو

هو. اها ساڳي ڳالهه مون کي مالهي صاحب جي ناولن ۾ به نظر اچي ٿي.

هن صاحب جي ناولن ۾ سورميون، سورمن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بي باڪ، وڌيڪ لاڳاپي ۽ وڌيڪ موهيندڙ آهن. سورميون اسان کي وڌيڪ مائل ڪن ٿيون ۽ اسان جي چت کي وڌيڪ ڇرڪو ڪن ٿيون.

”عشق الاهي راند“ .... ناول جي نائڪا ”مستي“ ”مسوري جي راڻي“ ...... ناول جي بي باڪ ڇوڪري ”آشا“، ”ڏيهي پرڏيهي ٿيا“ ناول جي سورمي ”حليما ۽ ڪشمي“ ”انقلابي سپاهي“ ناول جي انقلابڻ ”گوهتا“، ”پيار جي شڪست“ ناول جي پياري اداڪارا ”گوپي“ ”هڪ انسان سؤ طوفان“، ناول جي جوان وڌوا ”جسي“ ”جيون ساٿي“ ناول جون نائڪائون ”شانتي“ ۽ ”مارٿا“، ”شرم ٻوٽي“ ناول جي بي باڪ بازيگرڻ ڇوڪري ”پرمي“، ”ديسي سڄڻ ڪڄڻ“، ناول جي مهاڻي سندري ”شالمي“، ۽ ”پاپي“ ناول جي شاندار سورمي ”پاپي“، ”جن سوري پاتين سيج“ ناول جون نالمرون ۽ لهوريندڙ اداريون ”دادي وساڻ“ ۽ ”زينت“.

”پاپي“ ناول جي مهاڳ ۾ خود پنهنجا مالهي لکيو

استري ڪردار ئي لکن ٿا. ڪل ١٢ خط آهن ۽ اهي خط سنڌ ۽ هند جي وچ ۾ گڏيل آهن. اهي خط ١٩٤٨ ۽ ١٩٤٩ ۾ لکيا ويا آهن........ نارو شاهه سنڌ کان سنڌونگر (هند) ۽ سنڌونگر کان نارو شاهه ڳاءِ (سنڌ) پنج خط هند مان ڪشني ئي لکي، پنج خط سنڌ مان حليما ئي لکي ۽ ٻه خط سنڌ مان حليما جي سهيلي سڪينه ئي لکي.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۽ هند جي ماڻن ۽ حالتن جو هڪ درد ڀريو داستان آهي. هيءَ ناول جو نرمل ۽ نردوش نارائڻ واهي لکيو آهي........ سنڌ ۽ هند جي ماڻن لي هيءَ خط هڪ دستاويز آهن ۽ آهن سانڍڻ لائق!

هند مان ڪشني لکي ٿي.......

سنڌي، هند ۾ اچي اڪيچار آزمائشن مان پار پئي زندگيءَ جا طلبگار ٿي ته، نئين زندگيءَ جا معمار بڻيا آهن .. سنڌ اسان کان نٿي وسري. سچ، اسان ان کي وسارڻ چاهيون به نٿا.

آئي لئي ۽ اجهي جا غم ته پيار جي غم جيان ۽ ڪن حالتن ۾ وڌيڪ، ڪپيندڙ ۽ ڪوريندڙ ٿين ٿا..... نرواسي پنهنجي مال اسباب سان گڏ پنهنجي خانگيت ته سنڌ ۾ ڇڏي آيا آهن.... سنڌيت بچائڻ سنڌ خواهه هند جي سنڌين لاءِ عظيم ترين مسئلو

فيصلو ٿي رهيو آهي. ان وقت مان پنهنجي شاديءَ ۽ شخصي جيوت نسبت ڪي به سوچڻ ويچارڻ کان سراسر قاصر آهيان. مونکي اوهان مجبور نه ڪريو." گوپتا اهڙيءَ نه دريتا سان ڳالهيون ڪيون جو سندر جانسن ۽ سندر ٽوپائي دنگ رهجي ويا.

ساڳي ٿي ناول جي ٻي هڪ نائڪا جنهن جو نالو هو "للتا". هيءَ ڇوڪري گند ۾ گذر ڪرڻ جي باوجود هڪ زنده دل ڇوڪري هئي ۽ هنکي پنهنجي شخصي زندگيءَ کانسواءِ ٻين ماڻهن جي زندگي ۽ ملڪي حالتن ۽ مسئلن سان ڪافي دلچسپي هئي.

للتا پنهنجي ارجن کي چوي ٿي: مان ديس جي آزادي ۽ ملڪي ماڻهن جي خوشحاليءَ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه اوس ڪندس.......

"للتا" پنهنجي محبوب "ارجن" جي دوست "ارجن" کي، جو آزاديءَ جو اُپاسڪ آهي.... ان ڪي يقين ٿي ڏياري نه هوءَ "گوپتا" جو ساٿ ڏئي استريان ۾ روح ڦوڪيندي ۽ ارجن کي به سياست ۾ گهلي ڪنهن ڪم ڪرڻ جي قابل بڻائيندي.

اهڙي هئي بهادر نائڪا "للتا".

"ڏينهن پر ڏينهن ٿيا"...... هيءَ ناول آهي ٿي استري پر دان. هيءَ ناول آهي خطن ۾ ۽ سڀ خط

جي ناولن جون سورميون ني لکي سگهن ٿيون........
آفرين.

ماهي صاحب پنهنجي قلم واري ڪلا سان، قلم جي قوت سان "عشق ناهـي راند" ناول جي سورميءَ "ستيءَ" کي امر ڪري ڇڏيو آهي. ستيءَ جو محبوب هو گدو. گدو اڻ پڙهيل ۽ غريب هو، پر ستيءَ لاءِ هيرن جو هار هو. حالتن جي وس ٿـي ستيءَ کي شادي ڪرڻي ٿي پوي قيمت سان. دل جو سودو هر هر نه ٿيندو آهي...... ستـيءَ پنهنجي دل نه گدوءَ کي اڳ ۾ ئي ڏيئي ڇڏي هئي. سهاڳ جي رات ستي قيمت کي پاڻ ٿـي ڇڏائي. شاديءَ ڪاپوءِ به ستيءَ ۽ قيمت جو رستو پاڻ ڀيڻ جهڙو ٿـو رهـي...... جيتوڻيڪ دلما جي اندر ۾ هو زال مڙس هئا.

ستي پنهنجي محبوب کي ياد ڪندي ڏـاه جو شڪار ٿـي ٿئي ۽ هـوءَ اهـو به محسوس ڪري ٿي نه قيمت سان به بي انصافي ٿي آهي. هوءَ موت جي مرحبا ڪري ٿي نه جئن قيمت ٻـي شادي ڪري سگهي. هوءَ سوچي ٿي نه ڪيس پاپ جـو پراشچت ڪرڻ کپي...... ۽ موت ئـــي سندس لاءِ پاپ جو پراشچت آهي. آخر ايشور سندس سڻي ٿو ۽ هوءَ هيءَ سنسار روئي سواءِ ڇڏي وڃي ٿي.

ٻڌجي چڪو آهي.

پناهگير ۽ ڀڪاري ڳالهه مڙئي هڪڙي.. ڪئمپن جا پرواسي ڀڪاري ٿي نه آهن. ڀڪاري ماڻهو، ڀڪارين جهڙي ذهنيت ۽ گراوٽ....

جڏهن ڪشتيءَ جو ٻيءُ مري ٿو وڃي تڏهن ڏسو هوءَ پنهنجيءَ سهيليءَ حليما کي ڇا ٿي لکي!
.... شڪل ڪو گهر کان ٻي گهر نه ٿئي، ڏيهه ڇڏي پرڏيهي نه ٿئي! ٻاٻي جو، وقت پادشاهه، غم نه گهٽايو، غم هن جي حياتي گهٽائي ڇڏي.

حليما پنهنجي ڀيڻان خط ۾ ڪشتيءَ کي لکي ٿي .... اهي ڇئن فوٽن زمين ڪاڻ پيڙهين جي پرپت پروان چاڙهي ڇڏي هئي ۽ هاڻ هزارين فوٽ هيٺ اچڻ جي باوجود، هو هنجون هاريندو ٿو رهي.

حليما اڳتي هلي ڪئي لکي ٿي .... منهنجو عقيدو آهي نه پٽائي گهوٽ زنده هجي ها نه سنڌ ۾ فرقيوار نه فضا پيدا ٿي نه ٿي سگهي ها.

آخر ۾ جڏهن ڪشتيءَ جو پاءُ شيام سنڌ ٿو ڇڏي تڏهن حليما ڏسو ڪشتيءَ کي ڇا ٿي لکي!

هت شيام جي، جا مرحبا ٿي، سا لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي نه آهي.

هيڏا سڪ ڀريا ۽ ساليانديڙ خط ماليهي صاحب

جيڪي هن ۾ ڏٺم، اهو ڪنهن ٻئي ۾ ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي .... پر ماڻهو لوڪ کي اها ڳالهه ڪيئن سمجهائجي؟

آخر موت جا فرشتا اچي ويا سسئيءَ کي وٺڻ لاءِ.

اُن وقت ليکڪ ڏٺو. مان لکيٿو: پر موت کي ڪنهن جي جذبات جو، ڪنهن دل جي دکي ٿيڻ جو ڪهڙو فڪر! هو انهن سڀني ڳالهين ڏانهن سراسر بي نياز آهي.

عمر جيئن ماروئَ کي پيڻ پٽايو تيئن قسمت به سسئيءَ کي پيڻ پٽايو. ماروئَ وانگر سسئي، پنهنجي پريتم جي ٿي رهي آخر تائين.

سسئيءَ جو درجو مهان اُنڪري به آهي جو هن قسمت جي سڪ لاءِ موت جي به مرحبا ڪئي.

آخر ۾ آءُ شاهه لطيف جي الفاظن ۾ سسئيءَ جي داستان جو ذڪر ڪندس:-

”نهائين کان نهن، سک مهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري!“

”عاشق زهر پياڪ وه ڏسي وهسن گهڻو“

سسئيءَ جو داستان پڙهي پاٺڪ ائين ٿا محسوس ڪن ته هيءُ افسانو نه پر حقيقت آهي - حقيقت افساني کان وچتر ٿيندي آهي!

افساني کي حقيقت بڻائڻ، قلمڪار جو ئي ڪمال آهي!

هن ناول جي سورمي ستي السائيت ۽ سندرتا
جو سمپورڻ سروپ هئي! هن ڏهوئيءَ هميشه سندس
ڪوهه سڪه ڪوه ڏٺو. سندس بيماريءَ ۽ موت لئي
خود سندس پتيءَ ڳوڙها ڳاڙيا ۽ پڇتايو........

چاڪاڻ ته ستيءَ کي پنهنجي محبوب سورمي
گدوءَ کان الڳ ڪرڻ ۾ قيمت جو وڏو هٿ هو.
پر هاڻي پڇتائڻ مان ڇا ٿيندو؟ هن ناول جو "مان"
ڪردار جنهن جو نالو قيمت آهي اُن شاديءَ ڪاڻ
چاهيو پئي ته گدوءَ کي ڳولهي لهجي ۽ ستيءَ جي
اُن سان شادي ڪرائجي.

مان ڪردار قيمت، ستيءَ کي علاج ۽ هواخوريءَ
لاءِ "ڌرمشالا" ۾ ٿو وٺي وڃي. چاڪاڻ ته هو
محسوس ٿو ڪري ته اُتان جي آبهوا جي اثر ڪري
ستي ٺيڪ ٿيندي پر ستي چوئي ...... "منهنجي
زندگي ته اڳ ۾ ئي وبال ٿي چڪي هئي، پر مون
منهنجي جيون کي ناحق زهر ڪري ڇڏي ...... هيءَ
اُلجهن منهنجي موت ڏاران ته سلجهندي."

قيمت کي روئندو ڏسي، ڏسو ستي ڇا ٿي آکي:
"تون روئين ٿو! مردن کي روئڻ نٿو سونهين. اهو
ته اسان زالن جو ورثو آهي."

قيمت چوي ٿو: مان جو ستيءَ لئي چرلو ٿيس ۽
سڌ پڌ وڃايم، غضب ڪم سو ڪجهه ته ڏٺو هوم ۽

سنڌ ۾ ساهتيءَ جي ٺاروشاهه شهر جي ٻاهر ۾ ٻراڙو ٽيرو ۽ نئون ٽيرو نالي ٻه ڳوٺ هئا. انهن جي پاسي ۾ واهه هو ۽ ٻاهر ۾ غير آباد زمين. لميڊي هوندي مالهي صاحب اُتان لنگهندو هو.

غير آباد زمين جي ٻاهر ۾ ورڻي ٻازيگرن جي بستي هئي. ٻازيگراڻ ٻڙهيل هئا ۽ چوري وغيره ڪري پيٽ پاليندا هئا. ليکڪ کي خيال ايندو هو ته اُن غير آباد زمين تي ٻازيگرن کي ڇو نه ورهايو وڃي جيئن هو کيتي ڪن ۽ عزت جي جيون گهارن.

اِڳتي هلي هند ۾ اچي مارڪسواد جي اثر هيٺ، مالهي صاحب هيءُ ناول؛ "شرم ٻوٽي" لکي، اُن مسئلي جو حل ڏسيو آهي.

"جيون ساٿي" ناول، سماجي نابرابريءَ کي ڌيان ۾ رکي لکيو ويو آهي .... غريب ۽ شاهوڪار جي وچ ۾ نابرابري ۽ استري ۽ پُرش جي وچ ۾ نابرابري. ناري، مرد جي چٽڪ هڪ ڪٺ پتلي آهي، هوءَ ڪيترو نه سهي ٿي! هن ناول ۾ ليکڪ اٻل ناريءَ کي سبل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

"عشق ناهي راند" .. هڪ محبتي قصو آهي پر هن ناول ۾ "گلو، ستي ۽ مان" ڪردار جي معرفت، محبت جي صحتمند رخ کي چٽو ڪيو ويو آهي .... محبت جو صحيح مفهوم آهي وشال درشٽي ۽ نه تنگدلي.

ناولن جو وشيه

سنڌي جيون ۽ تهذيب جو اهڙو ڪو انگ نه آهي جنهن تي مالهي صاحب نه لکيو هجي! ٻيءَ ڳالهه جيڪا مون مارڪ ڪئي ته هر ناول لکڻ جو ؛ هن صاحب جو، ڪو اُديش آديش، سنديش، فلسفو مقصد ۽ مطلب ٿئي رهيو آهي. ساهتيه چون ٿا پيڙا جي پيدائش آهي .... جڏهن ڪو مسئلو يا نظريو هن کي پيڙي ٿو، منجهائي ٿو، ڌوڏي ۽ اوڌيڙي ٿو، تڏهن هو لکي ٿو.... تڏهن ٿي ڪنهن ڪهاڻيءَ يا ناول جو آغاز ٿئي ٿو.... سندس ساهتيه جو سرجڻ ٿئي ٿو.

مالهي صاحب جو ناول ”انقلابي سپاهي“ آزاديءَ کان اڳ جو لکيل آهي ۽ ڀارت جي آزاديءَ کي خيال ۾ رکي لکيو ويو آهي.

”شرم ٻوٽي“ ناول ۾ سنڌي ڳوٺاڻي جيوت جو چٽر ته چٽرت ٿيل آهي پر هن ڪتاب لکڻ جو مالهي صاحب جو مقصد آهي سماجوادي تخليقي حقيقت-نگاري. سماجوادي تخليقي حقيقت نگاري جو مطلب آهي ته حالتن ۽ ڪردارن کي جيئن حقيقي زندگيءَ ۾ آهن تيئن پيش ڪرڻ جي بدران، جيئن ٿي سگهن يا ٿيڻ کپن تيئن کين پيش ڪرڻ.

"سمگلر" — ناول سمگلنگ تي ٻڌل آهي.

"مسوريءَ جي راڻي" ناول ۾ هڪ چڙهٽروان ۽ نڊر سنڌي ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي آهي.

"محبت جي راهه تي" .... هيءَ ناول محبت تي ٻڌل هڪ قصو آهي، جنهن ۾ محبت زندگي ۽ انساني رشتن جون جهلڪون پيش ڪيل آهن.

"پاپي" ناول ۾ .... پاپيءَ جي موه پيار ۽ سنيهه جي مورت اُڪريل آهي. اها پاپي جا ڌرمي خيالن جي آهي ۽ آهي انسانيت ۽ سهڻ-شيلتا جي تصوير.

مالهي صاحب ڪوشش ڪري هر ناول ۾ نواڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڪٿي موضوع جي نواڻ، ڪٿي هيئت جي نواڻ نه وري ڪٿي ٻنهي جي نواڻ.

"ديهي سيڻ ڪجن" ناول جو مرڪزي خيال
آهي سنڌيت کي بچائڻ ۽ سانڍڻ.
"جن سوري پاتئين سيج" لوارڪي ناول آهي
۽ "هر مکيءَ جا" هن ناول جو بنياد آهن.
"ڏٺي ٻرڏهي ٿيا" ناول، محبت ۽ مارو ٻوميءَ
جي سڪ تي آڌار ٿيل ناول آهي، ۽ آهي هندو مسلم
ايڪتا تي ۽ هند پاڪ ناتن تي.
"پيار جي شڪست" ناول ۾ ڏيکاريل آهي ته
ناري هردو، پرش هردي کان وڌيڪ وشال ۽
مهان آهي.
"هڪ انسان سؤ طوفان" ناول ۾ ڏيکاريل آهي
ته ناري ڪيئن نه نر کي فرش تان عرش تي ٿي
پهچائي! .... "ڪرڻ کي چاڙهڻ جي پاوندا" آهي
هن ناول جو مول مقصد.
"پريتم وڃو پرديس" .... هن ناول ۾، "ڪلا
زندگيءَ لاءِ"، واري اصول کي ڌيان ۾ رکيو ويو آهي.
ڪرڻن کي چاڙهڻ جو آدرش آهي؛ هن ناول ۾.
"سنڌو جي ڪناري" ناول سنڌيت لي بدل آهي
۽ بدل آهي سنڌي جيون لي؛ ورهاڱي کانپوءِ واري
سنڌي جيون.
"سونهن جا سوداگر" ناول ۾ ڏيکاريل آهي ته
ڪيئن نه پئسي جي زور تي ڪي سونهن جو سودو
ٿا ڪن .... پر آخر ۾ پاڻ اشانتي ٿا.

جو پيءُ زميندار. هن جي پيءُ جي ٻي شادي. ماٽيلي ماءُ. ڏاڏي، ننڍي ڀائي، وڏي ڀائي. هن جي ننڍپڻ جو پيار ڳڊو، لٽو وغيره. سنڌس جيون ۾ ساهتيه جو سلو، مسلم ڇوڪري زينت سان ننڍپڻ جو پهرين پيار، ڍينداربازي، ڳوٺ جي سيد شاهه سياست ۾ پهرين قدم، ڳوهو خوبچي وارو، ڳوٺ جي هڪ جواريءَ سان دوستي، جوئا کرڻ، نارائڻ شيام، گوبند پنجابي، ليکو للسياٽي، پرسرام ضياء، نئين دنيا ڪتاب گهر، آزاديءَ جي آندولن ڪري جيل وڃڻ ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي سنگ ۾ مارڪسوادي پڙهڻ، نرنجن ٻولين ۽ ڪامريڊ ٻخاريءَ سان واقفيت، انڊيا جي ورهاڱي ڪري سنڌ مان هند ۾ اچڻ.

اهي سڀ ڳالهيون ڀارت جي ورهاڱي کان اڳ جون. سنڌ ڇڏڻ کانپوءِ سنڌس جيون بابت گهٽي ڀاڱي سندي پاڻ کي خبر آهي.

ماستر، ناٽڪڪار، ساهتيڪار، ڪلاڪار ۽ پڳوڙي ناواٽيءَ جي سنگ، ديس ۽ وديس ۾ سنڌيت جو جهنڊو جهولائيندڙ

مالهي صاحب جي ڪن ناولن ۾ ديس جي ورهاڱي جو درد به آهي.

زميداري، هاري ناري، ڪڙمي ڪاسبي، غربي ساهوڪاري، ماءُ، شاهه سيد، خوبچي وارو، بازيگر،

سنڌي ناولن ۾ سنڌي جيون جو اثر

ماضي حال جي هڪ انوٽ ڪڙي آهي. ماضي ۽ حال جي قدرن جو سنگم ڪرڻو آهي ۽ اڄ جي ٻنهي جي قدرن ۽ قدائن کي سمجهڻو آهي. فنڪار پنهنجي ورثي مان جيڪي صحتمند آهي اهو تخليق لاءِ جذب ڪري روايت جو روشن پهلو کڻي ٿو.

ادب اهو جو اُن ۾ وقت جي حقيقتن جو سچو ۽ پورو عڪس هجي، تاريخ جي جهلڪ هجي، حقيقتن جي تعبير هجي ۽ اُن ۾ فلسفي ۽ حڪمت جي جهلڪ به هجي.

اهي سڀ ڳالهيون مون کي مالهي صاحب جي ناولن پڙهڻ سان مليون. ڪنهن ڏاهي چيو آهي آزمودو ئي انسان جو عالي استاد آهي.

هاڻي اچو ته ٿوري ۾ مالهي صاحب جي جرڪندڙ جيون ڏسون:-

پاڻ ۾ ٻه ٻار هڪ وڏي ڀيڻ ڏاڍن، پيءُ ۽ ماءُ. ماءُ جو ننڍي هوندي مري وڃڻ. پيءُ جي گود جو پيار نه ملڻ. نارو شاه ۾ پڙهڻ، ٻارن جو ٻان، شڪارپور ۽ ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ سکيا وٺڻ، شاه لطيف جا بيت جهونگارڻ. ماموءَ روچيرام. لکڪ

چٽ چٽيو آهي اهو سندس وڏي ڀاءُ يعني مرحوم ماٽيلي ماءُ جو چٽ پيو لڳي.

ليکڪ جو ”مامو“، سندس نه پر سندس پٽ جو مامو هو، پر هرڪو ان کي مامو ڪري ڪوٺيندو هو ... اهو هميشه چوندو هو ”ٻيرا ٻاٽا مٺا لاڳي“.
”ٻاٻي“ ناول ۾ ليکڪ اهي ساڳيا الفاظ ٻاٻيءَ کان چوايا آهن.

ڪافي مطالعي، مشاهدي ۽ ليکڪ ٽچڙ کان پوءِ مان انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته ڪهاڻيءَ وانگر ناول به پنهنجي دور جي تاريخ آهي ...... اتهاس آهي!

مالهيءَ جا ناول ٽن دورن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. (١) سنڌ ۾ گذاريل سنڌي حياتيءَ تي ناول (٢) ورهاڱي واري وقت تي ناول (٣) اڄ جي سنڌي حياتيءَ تي ناول، جڏهن سنڌي ورڇيل آهن.

باقي هڪ ڳالهه رهجي وئي .... اها آهي مالهي صاحب جي آواره گردي!

گوردن سيٺ ”سونهن جا سوداگر“ ناول ۾ ڪٿي چوي ٿو: هو پڙهڻ ۾ اڪابر هو - سنڌ ۾ ٿي. مان رلڻ ۾ پڙ هوس.

”عشق ناهي راند“ ناول ۾ ”مان“ ڪردار چوي ٿو: ”اهو نه ڪو زمانو هو، گدو سيٺ! جڏهن

ٻيا، ٺاروشاهه، ڪراچي، هر مڪيءَ جا، سنڌس سنڌيت جو جذبو، مارڪسزم، سنڌس سماج سڌارڪ خيال، روماني جذبو ...... ٻيو ٻاد اٿو ٻوي الاجي ڇا ڇا سنڌس نوبل ناولن ۾ چٽرت ٿيل آهي. سنڌس ناول "جن سوري پاتئين سيج" .... ۽ "هر مڪيءَ جا" .... انهن جي ڪهاڻي آهي. ٻڇو بادشاهه جي محبوبا جو نالو "زينت" رکيو اٿس. "پريتم وار پرديس" ۽ ناٽڪ ۽ فلمن جي ڳالهه آهي "سنڌو جي ڪناري" ۾ لڏپلاڻ کانپوءِ سنڌي حياتيءَ جو ذڪر آهي جا چٽڪ سنڌس ئي ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي فلمائي به ويئي آهي. "شرم ٻوٽي" سنڌ جي ڳوٺاڻي جيون جو ذڪر آهي ۽ سيد شاهه جو به بيان آهي.

"عشق ناهي راند" ۾ ليکڪ جو هم ڪلاسي گدو لطف اچيٿو.

"ڏيهي پرڏيهي ٿيا" .... هن ناول ۾ ليکڪ صاحب جا "هندو مسلم ايڪتا" تي خيال ملن ٿا. سنڌ جي ٻاد جو بي بقا ۽ ناياب باٻر آهي "شيام ڪردار جو ٻيءَ"، جو پنهنجي مرڻ کانپوءِ سنڌس گورو سنڌو نديءَ ۾ پرواهه ڪيو وڃي .... اهڙي الٽم ڇا ڪري وڃيٿو. آخر سنڌس اها الٽم ڇا سنڌس ٻٽ شيام پوري ڪريٿو ۽ سنڌ وڃيٿو.

"پاپي" ناول ۾ ليکڪ صاحب جو "پاپيءَ" جو

سنڌيت جو جذبو ۽ سنڌ لاءِ سڪ ۽ چڪ

مالهي صاحب جو هر ناول گهڻي ڀاڱي سنڌيت جي جذبي سان سرشار آهي. هر ناول ۾ گهڻي ڀاڱي شاهه صاحب جو ڪلام جهونگاري ٿو ۽ سڀ جو خير گهري ٿو. پنهنجي ناولن جي ڪيترن نائڪائن ۽ نائڪن جي ڀيٽ شاهه سائين جي سٽن سورمين ۽ سورمن سان ڪري ٿو. هن صاحب جي ڪيترن ناولن جي نالن مان ئي سنڌيت جي سڳنڌ، سرهاڻ ٿي اچي جهڙوڪ .... ”سنڌو جي ڪناري“، ”ڏيسي سڄڻ ڪڄن“، ”ڀڪيڙا ولر کان وڇڙيا“ وغيره. سندس ڪي ناول سنڌي لوڪ ڪهاڻين تي ئي ٻڌل آهن.

”جن سوري ڀانئين سيج“ ناول ۾ فرمائي ٿو:-
(١) دادي وساڻ، سهڻيءَ جيان سنڀاڻي هئي ۽ مارئيءَ جيان ستمگر اڳيان جهڪڻ کان ناري واري ويٺي. (٢) زينت ڀاڻ کي ڪوڙو سمجهڻ لڳي جنهن جو چت چنيسر کي ڏسڻ کانسواءِ ٿي چريو ٿي پيو هو. (٣) زينت ڪوڙوءَ عيوض ليلا بڻي هئي ۽ ڪانءِ ڪهائي ڪري پنهنجي چنيسر جي جيئري ڏهاڳڻ بڻجڻ ٿي چاهيو. (٤) ان کان سواءِ سري سگهي ها ۽ سسئيءَ پنهنجو پنهل ڪين وڃائي ها! (٥) ٻڄوءَ

ٽون، شاموند، ڏيرو ۽ مولڪي سڪول مان نڪتائي
هميشه ائين چوندو هئين: اسڪول ۾ واهي انهن،
ٻلائن، ٻڪرين ۽ ٻلن کي ياد ڪرڻ مان ڪهڙو سود؟
نه انهن جو چشڪو وٺي سگهجي، نه ٻڪرين مان
گوها ڪڍي سگهجن....“

مالهي صاحب جا ناول پڙهي، سندس نجي سياسي ۽ سماجي شعور جي ڄاڻ ملي ٿي .... هر ناول ۾ گهڻي ڀاڱي سياست ۽ سماج بابت پاترن جي معرفت پنهنجا خيال ظاهر ڪري ٿو.

مالهي صاحب جي ”جيون“ ۽ ”ناول“ پڙهڻ کان پوءِ آنءُ نارائڻ شيام جي الفاظن ۾ ائين پيو محسوس ڪريان :-

”خوشنما سپنا جي ساليلم ساهه سان،
مون کي آڳاٽا لڳن ٿا پاڻ کان!“

شاه صاحب جا ٿورا گهڻا بيت ياد نه. ڪيا سو پاڻ کي سنڌي سڏائڻ جو حقدار نه آهي.

هن ناول ۾ سنڌ جي ڳوٺاڻي ماحول ۽ ان وقت جي جيوت جو سنو چٽ چٽيل آهي ... شاه سائينءَ جي مکيه سورميءَ مارئيءَ جو به عمدو ۽ فنائتو ذڪر ڪيل آهي ۽ شاه جا ڪلام جهونگاريل آهن.

هن ناول ۾ ائين به ڄاڻايل آهي ته .... انگريزي ڀاشا کي شيڪسپيئر تي ناز آهي، ايران کي عمر خيام تي، مصر کي خليل جبران تي، سنسڪرت کي مهاڪوي ڪاليداس تي، هنديءَ کي سورداس تي، بنگاليءَ کي گرديو ٽئگور تي ۽ سنڌي ڀاشا کي شاه سائينءَ تي .... پر ليکڪ اهو ڏک ڏيکاريو آهي ته گهڻن گهرن ۾ شاه صاحب جو رسالو موجود آهي؟

هيڏو عمدو ۽ سچو سوال پڇي مالهيءَ اسان سنڌين کي ياد ڏياريو آهي ته سنڌيت ۽ شاه صاحب کي نه وساريو.

— "ڏيهي پرڏيهي ٿيا" - ناول، سنڌيت ۽ هندو مسلم ايڪتا تي ٻڌل آهي. اسان سنڌين جون اوڻايون ڏيکاريل آهن ته اسين سنڌي نقل کي اصل کان وڌيڪ سمجهندا آهيون.

هن ناول ۾ ڇيڄ ۽ ڀڳت جو عمدو ۽ انوکو ذڪر ڪيل آهي.

کي شاھ صاحب وارو حسن ۽ حسين جي شھادت وارو مرثيو ياد ھو. حسن ۽ حسين يزيد اڳيان پيش نہ پيا ھا. (٦) ٻچوءَ جو آدرش ھو ڪربلا جو قصو.

”پريتم وٽو پرديس“ ناول ۾ مکيہ ڪردار ناٽڪ ٿو لکي ”اڪ رات“ ۽ ھن ناٽڪ ۾ ”ليلا چنيسر“ جو قصو ڏيکاريل آھي.

ھن ناول ۾ ”عمر مارئي“، ”مومل راڻو“ ۽ ”نوري ڄام تماچيءَ“ جو بہ ذڪر آھي.

”سنڌو جي ڪناري“ - ناول ۾ سيٺ گھنشامداس سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌيت جي واڌاري سڌاري جا ڪيئي ڪاربہ ٿو ڪري.

ھن ناول ۾ بہ ليلا چنيسر جي ڳالھہ جو بہ ذڪر اچي ٿو ۽ سنڌي لاڏن ۽ ڇيڄ جي ڳولھج سٽ ۾ اچي ٿي.

— ”محبت جي راھ تي“ .... ناول ۾ آلم ڪھاڻيءَ واري طرز اپنائي ۾ ليکڪ صاحب لکيو:- ”ٺاڪور کي سچي دليا سڃاڻي، شاھ صاحب کي سنڌي بہ نہ سڃاڻن.“

مٿيون ڪوڙو قول چئي مالھي صاحب اسان سنڌين کي ياد ڏيارو آھي تہ اسين سنڌي پنھنجن ڪلاڪارن، فنڪارن ۽ ساھتڪارن جو قدر ڪري نہ ڄاڻون.

— ”عشق ناھي راند“ — ناول ۾ مالھي، ڪنھن ڪردار جي واتان چيو آھي: جنھن سنڌيءَ

هن ناول ۾ مالهي صاحب ڪنهن ڪردار کان
چوايو آهي ته "سمگلنگ ۾ سنڌي اڳرا آهن".
مالهي صاحب جو اهين چوڻ ته سمگلنگ ۾ سنڌي
اڳرا آهن .... اها ڳالهه مون کي سمجهه ۾ ڪونه ٿي
اچي. مون ڪٿي به اهين نه پڙهيو آهي ۽ نه ٻڌو
آهي ته سنڌي سمگلنگ ۾ اڳرا آهن.

— "پاپي" ناول ۾ ڪنهن ڪردار کان هيءُ
صاحب چوائي ٿو .... سنڌي ٿي ڪري سنڌي
نٿو ڳالهائين؟

"مسوريءَ جي راڻي" - ناول ۾ مسز سنڌري
راماڻي، ٽيپ رڪارڊ جي ذريعي سنڌي ڪلام جهڙوڪ:-
(١) دل تهنجي مهنجي هڪ آ، ڏاڍي اسان ٻنهي
۾ سڪ آ .... (٢) سما ڄام سلطان، مهنجي ذات
مهاڻي .... (٣) ڀٽ ڀانيم ڀالڪي، ڏونگر ڀانيم ڏولي
الا.... وغيره سنڌي گيت ۽ سنگيت ٻڌڻ ۾
چاهه رکيٿي.

— "پيار جي شڪست" - ناول ۾ ليکڪ صاحب
لکيٿو .... صورت آباد ۽ ڏيان آباد جي ڇوڪرن جي
وچ ۾ ڪرڪيٽ مئچ ته هئي ڇڪ ڇيڇ ۽ هوجمالو هو!

"هڪ انسان سؤ طوفان" - ناول جو مکيه
ڪردار "ڏاڪو" ٽيم سان جهوليلعل جي مندر ۾ مٿو
ٽيڪڻ ويندو هو ۽ هو ڀڄڪڙا ڳائيندو هو ۽ ڇيڇ

ليڪن هن ناول ۾ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته جيڪڏهن ديس جي ورهاڱي کي مڃائي نٿو سگهجي ته گهٽ ۾ گهٽ ماڻهن جي دلين جي ورهاڱي کي نه ضرور مڃائي ٿو سگهجي ...... ڏسو ڇا ٿو فرمائي ......
هند ۽ پاڪ ۾ انسان رهندا آهن ۽ انسانيت جو پلڙو حيوانيت کان ڀاري آهي. سنڌين ته تصوف جي چشمي مان پيئون پيتيون آهن ۽ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ساهتيه مان سرڪيون ڀريون آهن.

هن ناول جو هڪ ڪردار شيام، هند ۾ اچي سنڌيت جي ڀاونا جي ڪارڻ کي لڳل آهي.

هن ناول ۾ شاهه سائينءَ جي "سر سامونڊيءَ" جو عمدو ذڪر ڪيل آهي.

— "ديسي سيٺ هڪڙن" - ناول ۾ مکيه ڪردار "جيوڻ"، جو سنڌي آهي، پنهنجي محبوبا مهاڻيءَ شالنيءَ کي، "سهڻي ميهار" جي ڪٿا ٿو سڻائي. شالني هيءَ قصو ٻڌي مترمگڌ ٿي وڃي ٿي.

"شرم ٻوٽي" ناول ۾ سنڌ جي هڪ ڳوٺ جي ڪهاڻي آهي. اڻ پڙهيل ۽ ابوجهه ڪاريگرن جي حياتيءَ جو چٽ چٽيل آهي. سنڌ جي زميندارن ۽ هارين ٻارن جو به ذڪر عمدي نموني ڪيل آهي.

— "سمگلر" - ناول ۾ پرسرام نالي هڪ سنڌي، سيٺ جيءَ جي سنگ ۾ سمگلر بڻجي ٿو.

مالهيءَ جا سماجڪ ويچار

منهنجي خيال موجب اديب، عوام جو ضمير آهي. جيترو آهي ته خودداريءَ سان جيترو آهي .... اديب لاءِ سچ ئي ماڻڪ، ڪوڙ جي برابر آهي.

جيئن پاڻي هميشه هيٺاهينءَ ڏي وهندو آهي تيئن هرهڪ انسان حقيقت ۾ گهٽوان ڏي آهي .... پر حالتن جو محتاج آهي.

پنهنجي ادب ۾ هڪ هنڌ سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز لکيو آهي ....

"ڇا اديبن جو اهو فرض نه آهي ته هو سيکارين؟"

ڪن ليکڪن ۽ ودوانن جو ورڇي رايو آهي ته اديب پرچارڪ نه آهي.

آنءَ ڀانيان پيو ليکڪ ڀلي پرچارڪ نه هجي پر سماج جي اوڻاين جي اوگهڙ ته کيس ضرور ڪرڻ کپي.

هاڻي اچو ته مالهي صاحب جي ناولن ۾ سماج سڌار ڏي سوچيون ......

"جيون ساٿي" - ناول ۾ گمان پنهنجي ڪنوار ڪي شانتيءَ جي درد ڀري حياتيءَ جو بيان ڪندي ڏسو ڇا ٿو چوي:-

شانتي ۽ مان ساڳي ڀاڙي ۾ ڄاواسين ۽ نپاسين،

وجهندو هو.

شاهه صاحب جو ادب شري مالهيءَ لاءِ عبادت آهي. سنڌ کي ياد ڪري هو اڄ به هنجون هاريندو. ڪيس ڏسي اِئين لڳندو آهي ته .... (١) "قسمت قيد ڪيو اِن، ته ڪير اچي هن ڪوٽ ۾؟" (٢) "ڇا جا ڏنگا ڏير؟ منهنجو ڏينهن ڏنگو م ٿئي!" (٣) "منهنجي من ميان هن ڳالهيون مارو ٿڙن جون!"

سنڌ جي ذرڙيءَ ذرڙيءَ صدين کان فراخ دليءَ جو ثبوت ڏنو آهي ۽ اهو ثبوت هن جي ناولن ۾ به ثابت آهي. سنڌ جي باڙهون لي به هو پنهنجي ناولن ۾ لکڻ کان نه هٽڪيو آهي.

هن صاحب سنڌ جي صدا هٽندي آرت کي زندگي يا زندگيءَ کي آرت ٺاهي ڇڏيو آهي. آنءَ پايان پيو ته هاڻي هو ننهن کان ڇونيءَ تائين هڪ سچو ٿي چڪو آهي. هن هميشه اها ئي صدا هڻي آهي سچل وانگر ته "جوئي آهيان سوئي آهيان، هندو مومن ناهيان!"

هن صاحب جا ناول پڙهڻ کان پوءِ آنءَ ائين پايان پيو ته سنڌ کي ياد ڪندي هن صاحب جي روح لـي ڪافي رهڙون اچي چڪيون آهن.

مالهي صاحب سنڌ جي زيارت هڪ دفعو ڪري آيو آهي. اُميد ته ڪيس وري موقعو ملندو ۽ اسان کي به سنڌ جو ديدار ڪرائيندو.

ختم ڪري چڪو هو. شانتي هينئر ٻيءَ ماءُ جي نگاهن ۾ پيار عيوض، همدردي حاصل ڪرڻ لڳي.

هن ناول ۾ مالهي صاحب گيان جي معرفت سنڌيءَ جي جيون ۾ ڪافي فرق آندو آهي جو هوءَ پڙهي ماستريائي بڻجي ٿي ۽ عزت ۽ سومان جي جيون جيئي ٿي.

مالهي صاحب جي ناولن ۾ سماج سڌارڪ خيال، مون "مارڪسزم" واري باب ۾ بيان ڪيا آهن.

"سونهن جا سوداگر"- ناول ۾ مالهي صاحب سياستدانن ۽ سمگلرس جا پاڻ ۾ ناتا ڏيکاريا آهن ۽ ڀرشٽاچار جي اوڪ ٻوڪ ۽ اوگهڙ ڪئي اٿس. سامي واد، سماجواد ۽ سرمائيداريءَ تي به ڪافي روشني وڌي اٿس.

جيتوڻيڪ هيءُ ناول ۱۹۷۲ ۾ لکيو ويو هو پر سياستدانن ۽ سمگلرس جي ناتن تي اڄ به چرچا زور شور سان ٿي رهي آهي.

"پيار جي شڪست"...... ناول ۾ سنڌ جي هڪ ڳوٺ، نارو شاه ۾ سنڌي جيوت جو چٽ چٽيل آهي. انهن ڏينهن ۾ ڇوڪريون هائر ايجوڪيشن نه وٺنديون هيون. مالهي صاحب هن ناول ۾ زنانيءَ تعليم جي کيتر ۾ هڪ انقلابي قدم کنيو آهي.

مکيه جي ڌيءُ گوپي نه صرف انگريزي اسڪول ۾ پڙهڻ ٿي وڃي پر ڇوڪرن سان گڏ ٿي پڙهي.

ستن اٺن سالن جا ٿياسين تڏهن پاڙي جي ٻين ٻارن سان اڏڙن ڏاڏڙن راند رمڻ لڳاسين. پر شانتي اڃا اٺن سالن جي مس ٿي ته هن جي شادي ستٽيهن ورهين جي هڪ ڪرڙي پساريءَ سان ٿي ويئي.

ٽيسي جي لوڙ پوري ڪرڻ لاءِ شانتيءَ جي مائٽن ڌيءَ جو اهو سودو ڪيو هو.

دم جو مريض پساري اٺن ڏهن مهينن ۾ پرلوڪ پڌاريو. وڌوا شانتي واپس مائٽن ۾ آئي.... هن جي زندگيءَ ۾ بهار کان اڳ خزان اچي ويئي.

گيان ڪڏهن سوچي ٿو ته شانتيءَ جي حالت ۾ برابر، سماج وڌيڪ جوابدار هئي پر ڇا هو خود به جوابدار نه آهي؟

اي ڪڏهن هند ليکڪ لکيو:-

ڪرڙي پساريءَ سان لانئون لهڻ بعد، شانتي سهاڳ رات جو جڏهن پنهنجي گهوٽ سان گڏ ٿي ۽ استري ٿي سمهندي هئي تڏهن هوءَ محسوس ڪندي هئي ته گويا هوءَ پنهنجي پيءُ سان سمهي پئي آهي.

اي هند ليکڪ لکي ٿو:-

پساري پتيءَ جي ٻارهين ماسي لهڻ بعد سڀي جڏهن پيڪن ۾ پهرو لاهڻ آئي ته وري ساهرن ۾ ڪانه موٽي. لياڪي اپڻي ڏاڻ جو داڻو پاڻي آلي

جي ڪشمڪش لاءِ اُڀارڻ، انهن ۾ انقلاب آڻڻ، ظالم سرمايدارن خلاف مظلوم ۽ محنت ڪش عوام جي حمايت ڪرڻ، مظلوم عورتن جي حق ۾ ظالم مردن خلاف آواز اُٿارڻ، امن ڪاميٽيون برپا ڪرڻ، ترقي پسند ساهتيه لکڻ، ٻالي ڄمي ۽ ٻي جوڙ شاديون ۽ ٻيون سماج جون اوڻايون دور ڪرڻ.... مطلب ته هڪ سماج سڌارڪ ۽ ترقي پسند ليکڪ جون مڙئي خوبيون مالهي صاحب ۾ ملن ٿيون.

"جيون ساٿي" ناول ۾ "گيان" نالي ڪردار جي معرفت، ليکڪ صاحب فرمائي ٿو... "انسان بنيادي طور سٺو آهي. حالتون ۽ مجبوريون هن کي سنائيءَ جي اُن راهه تان ڦيرائن ٿيون، پر هن ۾ سنائيءَ جو اُهو احساس صفا مري نٿو وڃي ۽ بهتر حالتن ۾ اچڻ تي هڪدم اهو احساس وري زنده ٿي سگهي ٿو ۽ زنده ٿئي ٿو."

"مارٿا" نالي ناٽڪ، "رابرٽ" جو گوٿا جو مشهور عوامي شاعر ۽ اُتان جي انقلابي تحرڪ جو باني آهي، اُن جي سنگت ۾ عوامي تحرڪ ۾ پاڻ تي وٺي ۽ نيڪ زندگي ٿي گهاري.

"مارٿا" آکي ٿي ... گوٿائي غريب ۽ محتاج آهن. ڌرم جي نالي ۾ قسمت تي قانع آهن. ڌارين جي غلاميءَ جو هنن کي ڪين ڪو احساس آهي. گهٽا ته

"مارڪسزم جو اثر"

مالهي صاحب جي ڪن ناولن ۾ مارڪسزم جو سڌو نه وري ڪن ۾ اڻ سڌو اثر آهي جهڙوڪ "شرم ٻوني"، "ڏيسي سڻ ڪجن" ۽ "جيون ساٿي" وغيره.

مارڪسزم جي اثر ڪري ليکڪ صاحب قلم واري ڪلا جي معرفت، غريبن ۽ شاهوڪارن، پڙهيلن ۽ اڻ پڙهيلن، زميندارن ۽ هارين، سماج جي ستايلن ۽ ظلم ڪندڙن يعني ظالمن ۽ مظلومن جي وچ ۾ فرق ۽ پيدا ٿيل مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪوشش ڪئي آهي غريبن کي حق وٺي ڏيڻ جي، حلال جي پورهيو ڪندڙن کي پورو اجورو وٺي ڏيڻ جي، جاهلن کي سيکارڻ جي ۽ ڏوهارين کي حق ۽ حلال جي روزي ڪمائڻ ۽ پورهيو ڪرڻ جي...... مطلب ته ليکڪ ترقي پسند خيالن ۽ ترقي پسند تحريڪ جو حامي آهي.

بالغ تعليم، هاري سڌار، ڏيتي ليتيءَ جي برخلاف، ٻال وواهه جي برخلاف، پنر وواهه جي فائدي ۾ مزدورن ۽ وچولي درجي وارن کي بهتر زندگيءَ

سگهن ٿا."

ياد رهي ته هي ناول ۱۹۵۲ ۾ لکيو ويو هو. اڄ جڏهن سوويت يونين، سوويت يونين نه رهي آهي تڏهن مالهي صاحب کي ڏک ضرور ٿيو هوندو.

هن ناول وانگر مالهي صاحب جي ٻين ٻن ناولن جهڙوڪ "آسون" ۽ "زندگيءَ جي راهه تي" .... ۾ به مکيه مرڪزي خيال آهي عالمگير امن.

"عشق ناهي راند"- هن ناول ۾ "ستيءَ" جي مٿي ڪانپوءِ "گدو"، "گداڌر سوامي" ٿو سڏجي. هو اهڙي سماج برپا ڪرڻ ٿو چاهي جنهن ۾ امير غريب جو فرق نه رهندو. "گداڌر سوامي" وٽ هڪ "قيمت" کي چوڻو: "بورجواد کي نيست و نابود ڪرڻ لاءِ سامراج جي اهڃاڻن کي مٽائڻ ضروري آهي، سامراج ۽ بورجواد جي نشاڻي آڻڻ کانسواءِ وري سماج ۾ انقلابي ڦيرو آڻڻ اسنڀو آهي."

گداڌر سوامي ڪسان جو به اڳوان سڏجي ٿو. هو انقلابي ويچارن جو آهي ۽ مٿس مارڪسوادي سڌانتن جو رنگ به چڙهيل آهي. آخر ۾ گداڌر سوامي ڳوا جي آزاديءَ لاءِ مري مٽجي ٿو...... شهادت جو جام پيئي ٿو.

"شرم اچوني" ناول ۾ "فيض محمد"، هاري حقدار آهي يعني هو هارين پورهيتن ۽ ڪڙمين جي

پارٽي کي ڀارت ڀوميءَ ۽ ڀارتواسين کان الڳ ٿا سمجهن. انهيءَ ڪري گويا جي انقلابي پارٽيءَ جو پهريون پروگرام آهي ته هند ۾ آزاديءَ جي لهر پيدا ڪجي.

هن ٻئي ناول ۾ ”گيان“ نالي وارو مکيه ڪردار ”شانتيءَ جي دکي ۽ ڪٺن جيون ۾ هريالي ۽ سک جو سامان ٿو آڻي. هوءَ پڙهي ماستريائي ٿي اُٿي، ترقي ٿي ڪري، تنگ دائري مان نڪري وشال دائري ۾ پير ٿي ڌري ۽ سماج سڌارڪ ڪارڻ ۾ گيان کي مدد ٿي ڪري. مطلب ته هوءَ هڪ خوددار ناري ٿي اُٿي.

هن ناول ۾...... شانتي، سرلا ۽ مارٿا ٽي ابلائون آهن جي سبلائون اُٿن ٿيون.

هن ”جيون ساٿي“ ناول ۾ ڪامريڊ ۽ ٽريڊ يونين جون ڳالهيون آهن. ”گيان“ چوي ٿو: ”سوويت روس، چين ۽ اوڀر يورپ جي ملڪن ۾ سماج بدلجي چڪو آهي...... اتي انهن جي محنت تي جيئرا ڪندڙ مفتخور ڪونهن“

گيان پڻي هند جيرام کي ٻڌائي ٿو...... ”سوويت يونين ۽ عوامي چين ته اڳيئي عالمگير امن جا حامي آهن. باقي رهيا امريڪا، برطانيه ۽ فرانس. سي به دنيا ڀر جي عام راءِ اڳيان جهڪڻ لاءِ مجبور ٿي

مظلومن جو دوست، مسلمانن جو حامي!

اهي خط ۾ ڄاڻايل آهي هيٺين وڏي اشتراڪ پيداوار جا ذريعا قومي ملڪيت جا ٿين ۽ هر ڪنهن کي ترقيءَ جا هڪجهڙا وجهه ملن.

مالهي صاحب جي الڳ الڳ ناولن ۾ مارڪسوادي خيال پڙهڻ کانپوءِ مون کي سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز جا الفاظ، جي ڪنهن هنڌ مون پڙهيا آهن، سي اوهان اڳيان پيش ڪريان ٿو:

غريبن جي جيڪو بک اُڃ نٿو مٽائي، اهو عظيم ترين گنهگار آهي ۽ هو معافيءَ جو مستحق نه آهي.

پيٽ! پيٽ انسان جي روح کان زياده اهم آهي!
ي ۽ آهي ته پول به آهي. پيٽ ڏي ئي خدا آهي.

قلم، انسان جي بک نٿو مٽائي سگهي، پر جي اهيءَ بک کي مٽائڻ لاءِ تون حالتن سان ٽڪر نٿو کائين ته اي قلمڪار! تون به عظيم گنهگار آهين.

مالهي صاحب جا مارڪسزم تي خيال، سندس ناولن ۾ پڙهي، ائين لڳيٿو ته مارڪسواد جي وسيلي ئي غريبن ۽ شاهوڪارن جي وچ ۾ پيدا ٿيل مٽائي سگهجي ٿو.

پر آءٌ ڀانيان ٿو ته مارڪسزم کان سواءِ ٻيا به وسيلا آهن.

حقن لاءِ لڙي ٿو. هو آدرش پسند نظريي مٿان حقيقت پسند نظرئي کي ترجيح ٿو ڏي.

هن ئي ناول ۾ ”رام“ وري اڻ پڙهيل بازيگرن کي پڙهائي ٿو ۽ غيرآباد زمين تي کين کيتي ڪرڻ جا حق وٺي ڏيڻ ٿو چاهي ته جيئن هي جاهل ۽ ڏوهاري انسان، حق ۽ حلال جي روٽي کائڻ پورهيو ڪري.

ڪنهن ٻئي هنڌ رام آکيو: بازيگر پنهنجي همت ۽ اُدم سان غيرآباد زمين به آباد ڪري سگهندا. ۽ اُتساه هٿي هنڌ ڪيو گلاب جهڙو چور ۽ هاري بڻجڻ لاءِ تيار ٿيو.

”دسي سڏڻ ڪجن“- ناول ۾ هڪ ڪردار جنهن جو نالو ”ساوڪر“ آهي اهو هڪ سوال اٿاريو ٿو ۽ چوي ٿو:- ڌن ڇا لاءِ آهي؟ جنهن محنت سان پيدا ڪيو وڃي، تنهن کي ائين ڏکيو ڪرڻ لاءِ؟

هن ناول ۾ شاهوڪاري ۽ غريبيءَ جي ڪري پيدا ٿيل، ناستڪتا، قسمت ۽ مارڪسزم وغيره تي اڻ سڌي نموني پاترن جي معرفت سٺي روشني وڌي وئي آهي.

”ڏيهي پرڏيهي ٿيا“ ...... ناول ۾ ڪشني حليما کي خط لکيئي....... شيام ۾ انقلاب پنهان انقلاب آيو. هو صوفيءَ مان انسان پرست، انسان پرست ته ڪهڙو

وڏوا جسي، ٿاڪوءَ جي محبوبا، ٿاڪوءَ ۾ پنهنجي محبت جي هٿيار سان وڏو ڦيرو ٿي آڻي ۽ آخر ۾ ٿاڪو هڪ نيڪ انسان، شريف انسان ٿو بڻجي.

”جن سوري پاٿين سيج“ ناول ۾ ڏاڙهيل بچو بادشاه جي محبوبا آهي زينت، بچو بادشاه جي هڪ ساٿيءَ خميسي جي محبوبا آهي دادي وساڻ. ليکڪ پنهنجي قلم جي قوت سان بچوءَ، زينت ۽ دادي وساڻ جي عشق جي داستان کي امر ڪري ڇڏيو آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو: ”محبت هڪ پاڪيزه جذبو آهي جو ڪانئرن کي به بهادر بڻائي ڇڏي“ !

آخر ۾ بچو بادشاه جهڙو بهادر هر پنهنجي محبوبا کي بچائڻ لاءِ پيش پيو ۽ پنهنجيءَ معشوقا جي سانگي ڦاسيءَ تي چڙهيو.

”پرائم ويو پرديس“- هن ناول جو مکيه ڪردار ”مان“ آهي ۽ سڄو ناول ”مان“ جي روپ ۾ لکيو ويو آهي. مکيه ڪردار ”مان“ لکڻوءَ ۾ نوڪري ڪندو آهي ۽ هن سان جڳهه جي مالڪ جي ڌيءَ شوڪا جو پيار ٿي وڃي ٿو. پنهنجي محبوبا کي پائڻ لاءِ مکيه ڪردار ”نانڪ“ لکي ٿو ۽ آخر بمبئيءَ وڃي ”فلمن“ لاءِ گهوسٽ رائيٽر جي روپ ۾ ڪهاڻيون به لکي ٿو.

"رومانوي جذبو"

آد جڳاد کان ادبن جي پڙهڻ پڙهائڻ پڙهين ڀرمار پيار، محبت ۽ عشق تي لکيو پيو آهي. پيار جا روپ انيڪ آهن پر هت آءٌ فقط محبوب ۽ محبوبا جي محبت بابت ئي لکندس. جيتوڻيڪ آد جڳاد کان هن اعليٰ انساني جذبي تي لکيو ويو آهي پر تڏهن به هيءُ اڻت اڻون وشيه آهي!

مالهي صاحب جي گهڻن ناولن جو آڌار به عشق تي آهي. سندس گهڻن ناولن جا عنوان ئي آهن........ "عشق ناهي راند"، "پيار جي شڪست"، "شرم پوئي"، "جنون سائي"، "پريتم واسو پرديش"، "سونهن جا سوداگر"، "محبت جي راهه تي" ۽ "مسوريءَ جي راتڙي" وغيره.

عشق انسان کي عرش تان فرش تي ۽ فرش تان عرش تي پهچائي سگهي ٿو. عورت چاهي نه مرد کي هيرو مان زيرو يا زيرو مان هيرو بڻائي سگهي ٿي. اهڙو ڪرشمو مالهي صاحب جي ناول "هڪ انسان سؤ طوفان" ۾ آهي. ناڪو سيٺ، جواري، شرابي ۽ سندي ڪالونيءَ جو داداگير آهي. جوان

”جيوڻ“ ۽ ”مهاڻو جدار ڏن“ ۾ محبوب آهن ۽ محبوبا آهي مهاڻي اي ٻاڪ ڇوڪري ”شالني“ جنهن کي جيوڻ ”شالو“ ڪري ٺو ڪوٺي. ”پيار جي شڪست“ ناول ۾ وري ٻـ، اسڪولي شاگرد ”ڪرشڻ“ ۽ ”موهن“ جي پاڻ ۾ ياٺر آهن ۽ ديوان، جنج ۽ سورت سنگهه جا پٽ آهن..... الهن جو پيار ٺي وڃڻو مکيه وسيارام ڌ ٻاڦنداڻيءَ جي ڌياڻيءَ ”گوپيءَ“ سان.

عشق انڌو ٿيندو آهي...... سڄي، گڏوءَ کي پيار ڪرڻي جو غريب آهي ۽ اڻ پڙهيل آهي مان ڪردار سڄيءَ کي نہ حاصل ڪرڻو پر سگهي ٿو گذاري.

سندي جيوڻ پنهنجيءَ محبوبا مهاڻيءَ شالنيءَ جي رنگہ ۽ سنگہ ۾ قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. آخر پنهنجيءَ محبوبا مهاڻيءَ کي حاصل ڪرڻو ۽ پرلم جون پڪون پيئي ٿو.

ڪرشڻ ۽ موهن وري گوپيءَ کي پيار ڪندا رهن ٿا.

پرلم جا انوکا انداز آهن ۽ آهن نيارا موڙ!

”شرم پوٺي“- ناول ۾ مکيه ڪردار آهي ”رام“ ۽ هن جي محبوبا آهي هڪ اڻ پڙهيل گنوار ٻاز ٻگرڻ ڇوڪري ”پرمي“. رام پڙهيل آهي سڌ رهل آهي ۽ هڪ شاهوڪار جو پٽ آهي پـر عشق، غريبي

امبيءَ ۾ ٻيون ڪيترائون هنڌين جيئون ۾ اڄن ٽيون پر هو هميشه پشوڙا ڪي ٽي ياد ڪندو رهي ٿو.

اڄوڪا ڏسون ليکڪ، استريءَ جي سونهن ۽ سونهن جو چٽر ڪهڙي نه وڻندڙ نموني چٽي ٿو......

(۱) صبوح جي هيرن جي غير سنوارل وارن کي لوڏي رهي هئي. (۲) هن جي سيني جي اڀار، ساه جي روانيءَ سان ڦنڊي ۽ سسي رهي هئي. (۳) جوان هئي پر الهڙ نه هئي، حسين هئي پر هٺيلي نه هئي، نازڪ هئي پر چنچل نه هئي، (۴) مينڪا جهڙيون سونهن سينگار ڪيا هئا وشوامتر جي تپسيا ڀنگ ڪرڻ لاءِ. (۵) سهڻي ساڄهي سماڻي، شربتي اکيون، چاليءَ جو لڪار، انگ انگ مان جوانيءَ جو ڦٽڻ، روح رچندڙ رهاڻيون، لوڀي نگاهون. (٦) ڪارو ڪاريءَ وارا ڦڪا سنڌ ۾ غيرت ۽ اهڙ کا جي ڪري هئا.

(۱) "عشق الاهي رالد"، (۲) "دليسي سيڻ ڪڇن" ۽ "پيار جي شڪست" الهن نڌهي ناولن ۾ عمر مارئي ۽ ڪيمت سين جي داستان وانگر عشقي تڪنڊ و آهي. "عشق الاهي رالد"- ناول ۾ "مان" ڪردار ۽ "گندو" به عاشق آهن ۽ "سعي" آهي معشوقا. "دليسي سيڻ ڪڇن"- ناول ۾ "سنڌي

۽ موت جي مرحلا طي ڪري.

”مسوريءَ جي راڻي“ ...... ناول ۾ ليکڪ ڪنهن ڪردار کان چوائيندو:- (١) بدنام عورت آهي پر بيوفائي مرد جي هڪ هٿي آهي. (٢) استريءَ جي ڪا ڪمزور گهڙي ايندي آهي. (٣) پيار ۾ چرپٽ رهڻ ناهي ڪجهه به نه ٿيندو آهي. (٤) جت پيار گهٽ هوندو آهي تت روسامو به جهجهو هوندو آهي.

”ڏهاڳ پرڏيهي ٿيا“ ...... ناول ۾ ليکڪ ڏيکاريو آهي ته (١) محبت ڌرم آهي. محبت ايمان آهي. (٢) پيار لامڪان ۽ لامذهب آهي. (٣) مرد جي سهاري زندگي به ڪاٽي سگهجي ٿي. (٤) پيار شاديءَ ۽ نفس جو محتاج ٿيڻ نه کپي.

”پيار جي شڪست“ ناول ۾ ڪرشن ڀرم وس ٿي، گوپيءَ کي ڀرم پتر ٿو لکي ۽ اُن ڀرم پتر تي آگري جي باهي زليخا جي خط جو وڏو اثر آهي.

آءٌ ڏسان وڃڻو ته گهڻي ڀاڱي سڀني ناولن ۾ مالهي صاحب اسان کي ڀرم جون ڪون پيداوارون آهن.

ڪڏهن ڪڏهن مان سوچڻ لڳان ٿو ته مالهيءَ جي ناولن جا محبوب ۽ محبوبائون زياده حسين آهن يا فنڪار خود؟ فنڪار جي شڪست فن جي فتح ٿيندي آهي!

عظيم شاعر شيخ اياز ڪٿي لکيو آهي ... ”هر

شاهوڪاري، پڙهيل اڻ پڙهيل ذات پات ۽ ڌرم وغيره کي ڪٽي ٿو ڇڏي؟

"ڏيهي پرڏيهي ٿيا" - ناول ۾ ملڪ جي ورهاڱي ڪري محبوب هڪ ٻئي کان وڇڙجي وڃن ٿا. ڪي هند ۾ ته ڪي سنڌ ۾. آخر سچو عشق، کين ملائي ٿو.

محبت جي ميدان ۾ مون کي "عشق ناهي راند" هيءُ ناول هڪ شاهڪار ناول لڳو. ٿي سگهي ٿو ته ڪن پاٺڪن کي ڪو ٻيو ناول وڌيڪ وڻي.

"سنڌوءَ جي ڪناري" - ناول ۾ ليکڪ هڪ ڪردار کان چوائي ٿو.... "پيار ۽ جنگ ۾ ڪجهه به روا آهي."

"محبت جي راهه تي" .... هن ناول ۾ ڪنهن چيو آهي... (١) مان پيار ۾ ناڪامياب وڃڻ بعد ليکڪ ٿيس ۽ هن ليکڪ ٿيڻ بعد پيار ڪيو آهي. (٢) استري اندر ئي اندر پيار ڪندي آهي.

"عشق ناهي راند"....... هن ناول ۾ پيءُ پٽ، ڌيانئي ۽ فهميدي لموٽي ڏيکاريل آهي ته "عشق انسان کي بزرگ ۽ گنهگار بڻائي ٿو ڇڏي!" "گدو" پيار ۾ بزرگ ٿو ٿئي ۽ ٿئي ٿو جهان ڇڏي ٿو. سچي، پيار گدوءَ سان ٿي ڪري ۽ شادي وري ٻئي سان ٿي ڪري...... ۽ آخر ان کي پاپ ڪري ٿي سمجهي

"ڪائنات جو ڇت"

"جن سوري پاتين سيج" ۾ اچو ته ڏسون مالهي صاحب ڪائنات جو ڇت ڪهڙي نه فنائتي نموني ٿو چٽي :-

آڏي جي ٽيهي روشني چٽي پاسي ڪاري ٻاٽ اونداهيءَ سان گهيريل هئي. ويجها وڻ وڏا ڏاڍو ٿي ڀاسيا. آکيرن مان پکين جا انڌڻ آواز اٿين ڏاڍن جي هڪ ٻئي سان ڪن سن ۾ ڳالهائڻ جا آواز ٿي لڳا. سورهيڙن ۽ نورن جي اچ وڃ زمين لي ڪريل پنن ۾ ڪڙڪڙاهٽ ٿي پيدا ڪئي. اها ڪڙڪڙاهٽ ڏاڍون جو ڪي سرو سنگيت ٿي ٿئي ٻڌڻ ۾ آيو. هوا هي چرپر خير ڪا هئي، پر وڻن جي وٿين مان، خاص ڪري ٻه ليءِ واري پاسي کان رکي رکي وڻندڙ ٻهڙون پئي آيون.

— "شرم ٻوٽي" ناول ۾ مالهي صاحب لکيو :-

گاڏيءَ جا ڦيٿا، گهوڙي جا سنب ۽ هنجي ڳچيءَ ۾ ٻڌل گهنگهرو تال تي ملائي عجيب موسيقي پيدا ڪري رهيا هئا. ٻنهي پاسن وڻ ۽ ڪيمت فضا

عظيم فنڪار جي جنسي محبت ئي هن جي اسرارن
فن جو سرچشمو آهي.

هيءُ خيال مالهي صاحب سان ڪيتري قدر لڳي
ٿو ان لاءِ هڪ الڳ باب لکڻو پوندو. انهن ته ضرور
چئي سگهبو ته پنهنجي ناولن جي محبوب ۽
محبوبائن جي ٽن جي ٽولس، هن صاحب هڪ نهايت
باڪمال فنڪار وانگر چٽي آهي.

مالهي صاحب جي ناولن جا ڪي بي باڪ محبوب
۽ محبوبائون پڙهي آنءُ انهن سوچيو ته ههو آهيان ته
حسن هڪ ازلي حقيقت آهي! زندگيءَ جي اها
گهڙي جا حسن جي تلاش ۾ گذري ٿي، باقي سڀ
ڪجهه فاني آهي.

اوهان ڪڏهن سوچيو آهي ته ڇو انهن ڪي پهچ
ڪان پري چنڊ لاءِ پيار ڇو آهي؟ "اهو اڇو بادشاهه" ڪان
اڇو جو پنهنجي محبوبا "زينت" جي ڪري پيش پيو
۽ موت ۾ بہ مشاهدو ماڻيائين...... ۽ سوريءَ سٽيءَ
ڪان اڇيو جنهن موت جي مرحبا ڪئي!

جو وڻن :-

لڙي منجهند جو سمو هو. ڪولهوارڙا ٻانڊا جي اُڀرندين ڇپڙي واري ٻنڊ ر لي جهوپڙن جا ٻاڇا ٽيڙيءَ سان وري رهيا هئا.......

نظارو سچ پچ دلپذير هو. چانڊوڪي رات، ساگر ۽ ٻيڙي، سامهون مڇوها! هڪ طرف جوهوءَ جو وڻن سان ڇانئيل ڪنارو هو، ٻئي طرف ٻاليا جو تُوڙ هو ميدان هو، ٽئين طرف اٿاه ساگر هو. آڪاش ۾ چنڊ هو، ساگر ۾ چنڊ هو ۽...... هوڙيءَ ۾ چنڊ هو!

کي لهائيندڙ رنگين ڪري رهيا هئا.

— "سمگلر" — ناول ۾ ڏسو ڊنش ڪوڏي بندر جو ورڻن ڪهڙي نه وڻندڙ نموني ڪيل آهي.

اڌ رات جو سمو هو شڪل پڪش جو چنڊ ڊنش ڪوڏيءَ جي آسمان تان غائب ٿي چڪو هو. ڪاري بادل اونداهيءَ ۾ اک نه ڏسي سگهي. پوءِ نه ڊنش ڪوڏي پٺيان ٿي چرپر ۽ سس پس ٿي رهي هئي...... رکي رکي بتين يا سگريٽ ڪڙڪيٽن جيان چمڪي ٿي اٿيا....... دور ساگر جي ڳريب مان گويا چمڪاٽ ڦٽي نڪتو...... واهو معبل پوانتو هو، ڪم نه خوفناڪ هو.

بهر حال ماڻس، طوفان کان اڳ واري ماڻ هئي.

— "مسوريءَ جي راتي" ناول ۾ قدرت جو نقاشي:-

انهي وقت بهندي سفر ڪري آيل رستن جهڙون ڏنگيون ڦڏاون ليڪون ڏسڻ ۾ ٿي آيون. سورج ڪڪرن وچ ۾ لڪل هو، پوءِ نه هيٺ پهاڙن لـي اس چالو جو لڪڇپ جو ڪيل چالو هو. ٻرهان ڏوائيءَ ۾ ڊ ڊراڊون شهر جيءَ اس ۾ نظر اچي رهيو هو. مدو هو کان بي اختيار نڪري ويو:-

واه ميري مالڪ، تولي ڪيا ڪمال

"ديسي سڃڻ ڪهڻ- ناول ۾ ڪوهيواڙا يالسيا

رکيا نه آهي.

مالهي صاحب جي ناولن ۾ مکيه ٽي ديش ڀڳت آهن. (١) ارجن (٢) گداڌر سوامي ۽ (٣) رابرٽ. پر منهنجي خيال موجب "اڇو بادشاهه" ۾ هڪ وڏو ديش ڀڳت ليکڪ چاڪاڻ جو هن نه، فرنگين جي برخلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو هو. اڇو بادشاهه غريبن جو همدرد هو ۽ غريبن کي مدد ڪندو هو. هن ۾ هندو ۽ مسلم ڀيد ڀاو ڪونه هو. هو هڪ تمام سياڻو ليڊر هو. هن پهريئي پت محسوس ڪيو هو ته پرڏيهي، ڏاهپن جي زور تي زنده هئا....... فرنگي ۽ ديسي غدارن جي زور تي راڄ ڪري رهيا هئا. هن سنڌ فتح ڪرڻ ٿي چاهي پر جتن نه هو شاهوڪارن کي ڦري رهيو هو، انگريزن هن کي هر جا ڌاڙيل ڪري مشهور ڪيو. اها انگريزن جي چال هئي.

هيڙي بهادر جو بي باڪ ڪردار ڪڙو ڪري مالهي صاحب سنڌين سان وڏا وڙ ڪيا آهن. چاڪاڻ جو اڇو بادشاهه نه صرف تعصب کان آجو هو پر هن کي ٻين جي ڌيءُ ڀيڻ لاءِ به عزت هئي....... هر هيو پر هڪ رڄ چڱو مڙس هو. هن سنڌ جي آزادي پئي چاهي! اڇو بادشاهه نه صرف ديش ڀڳت پر همت ۽ حشمت، سياڻپ ۽ عقل جو به مالڪ هو.

ديش ڀڳتيءَ جو جذبو

ديش ڀڳتي هڪ انساني اعليٰ ۽ اُتم جذبو آهي. هن جذبي جي وس ۾ اچي انسان، پنهنجو تن من ۽ ڌن ان تان قربان ڪيو ڇڏي.

گوا جي آزاديءَ جي هلچل جو اثر مالهي صاحب جي ان ناولن جهڙوڪ: "عشق ناهي راند" ۽ "جيون ساٿي" ۾ بلڪل ظاهر آهي.

"انقلابي سپاهي"........ ناول ته آهي ئي هندستان جي آزاديءَ تي ٻڌل. هن ناول ۾ مکيه پاتر ارجن ترپاٺي، ملڪ جي آزاديءَ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هو ڪاليج جي شاگردن جو ليڊر آهي. ٢٦ جنوريءَ تي آزاديءَ جي ڏينهن هو آزاديءَ جو ترنگيا پٽڪو ڦهرائي ٿو ۽ تقرير ڪري ٿو. ان ڪري کيس گرفتار ڪيو ٿو وڃي ۽ کيس هڪ سال سخت پورهئي سان سزا ٿي ملي. ساري ڪورٽ "انقلاب زنده باد" "هندستان آزاد" جي فلڪ شگاف نعرن سان گونجي ٿي اٿي.

ارجن واقعي هڪ شير مرد هو. ٽيپ جو ٻڌي سندس دل کي ذرو به لوڏو نه آيو، ڇوري تي ڪا

آخر ستياگرهين جو هڪ جٿو گوٺ ۾ داخل ٿيو.... پوءِ چوگرد سولجرن گوليون هلايون. ٽي مري ويا، پارهن زخمي ٿيا. شهيد ٿي ويلن ۾ گداڌر سوامي به هو.

گدوءَ لاءِ "مان" ڪردار آخر ۾ ڏسو ڇا ٿو چوي!
گدو عرف گداڌر سواميءَ جي شهيد ٿي وڃڻ جي خبر اخبار ۾ پڙهڻ سان منهنجا ڇيهه ڇڄي پيا. اخبار هٿن مان ڇڏائجي ويو. جڏهن منهنجي جذبات ڪجهه ٿمي، تڏهن هڪ ٿڌي ساهه سان گڏ لڇاٽان ڪٿن منهنجي وات مان اهي اکر نڪري ويا:
"گدو دلوس، تون سنتيءَ کان به وڌيڪ چالاڪ نڪتين. موت به اهو مٿن جو جاودان آهي. اهڙي موت لئي جيڪر فرشتا به رسون ڪن."

جيون ساٿي ناول جو ديش ڀڳت آهي زابرمت ڪاسٽيلينو. هيءُ صاحب گوئاني نئشنل ڪانگريس جو سيڪريٽري آهي ۽ گوا کي پورچوگال کان آزاد ڪرائڻ لاءِ سرگرميءَ لي ڪٽي گهمي ٿو. گوئاني سرڪار هن کي جلاوطنيءَ جو لئونيس العمل ڪيو پر هو گهٻرايو نه. هميشه گوئا جي سي-آءِ-ڊي هن جي پٺيان گهمي ٿي پر هن کي پليءَ پٽ خبر هئي ته هڪ انقلابيءَ جي زندگي ڦلن ڇانئين واٽ نه آهي...... هن جي هر راهه، هر قدم ڪنڊن سان ڇاڻيل آهي ۽ هن لاءِ دنيا جا سڀ سک هن جي ڪارڻ ۾ ئي سمايل آهن. سچو انقلابي شاندار مرحبائن، لوڪن جي عزت ۽ ديوي ناموس کان مٿي آهي........ هن لاءِ زندگيءَ ۾ هڪ ئي مقصد آهي، هڪ ئي منزل آهي....سندس ڪارڻ جي سڦلتا!

”عشق ناهي راند“.... هن ناول ۾ گندو ڪردار اڳتي هلي گدادر سوامي ٿو ٺاهي ۽ گوا جي آزاديءَ لاءِ گوئا ڏانهن ٿو اسهي. هن سان گڏ گوا ڏانهن وڃڻ تي ستياگرهي ”آزاد گوا زنده باد“.... ”لاٺي گولي کائينگي، ڦر ڀي گوئا جائينگي“...... ”گوئا ڀارت ايڪ هي“، نعرا لڳائيندا وڃن ٿا.

گدادر سوامي چئي ٿو:- ”هن وقت گوئا ۾ آزادي آندولن ئي مون لاءِ وڏي ۾ وڏو ڪارڻ آهي.“

(٢) ڪن لاءِ سنڌي هجڻ لائبٽي رهيو آهي.

"عشق ناهي راند"... هن ناول ۾ ڪٿي ڇپيو ائين :- (١) ڦريل حالتن ۾ استريءَ کي دل ۽ دماغ ڦيرڻ ۾ وهام ئي ڪاله لڳي. (٢) پرش جي پيٽ ۾ استري وڌيڪ شڪي ۽ لنڊيءَ دل واري ٿيندي آهي.

"ڏٺي پرڏيهي ٿيا"... ناول ۾ ڪنهن ڪان چوارايو ائين: (١) شاهه، سسئيءَ ۽ سهڻيءَ کي زبان ئي نه بخشي آهي پر هر پريتما جي جذبي کي موزون لفظ بخشيا آهن. (٢) هر سندر ۽ پاڪ چيز پوڄا لائق ٿيندي آهي. (٣) صرف محبت جو غم ئي نه آهي، زندگيءَ ۾ ٻيا به گهڻيئي غم آهن.

—"هڪ انسان سؤ طوفان"— ناول ۾ ڪٿي ليکڪ صاحب لکيو آهي:

(١) پئسي جو گهٽ هجڻ مصيبت آهي پر پئسي جو حد کان وڌيڪ هجڻ وڌيڪ مصيبت آهي.

"سونهن جا سوداگر" ناول ۾ ليکڪ صاحب فرمائي ٿو:

(١) انسان سپنا جي محل ۾ اشانت ٿي سپنن جي کنڊهرن ۾ ڀٽڪڻ ڇو ٿو چاهي؟ (٢) زندگي اتهاس کان وڌيڪ حسين آهي. (٣) گناهه ظاهر ٿيڻ بعد جو جو چهرو گنهگار جو ٿيندو آهي، سو مان

خيالن جي پختائي

جيئن تہ ماهي صاحب ڪافي مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو آهي انڪري هن جي ناولن ۾ خيالن جي پختائي ۽ ڏور نظر اچي ٿي.

"جيون ساٿي" ناول ۾ ڪنهن هنڌ ليکڪ فرمائي ٿو.... مرد ۽ عورت هڪ ٻئي جي سهاري مان اتاهہ شڪتي پائي سگهن ٿا ۽ اُن اتاهہ شڪتيءَ سان ڪيڏا نہ ڪٺن ڪارج سر انجام ڏين ٿا.

شانتي هڪ هنڌ چوي ٿي.... مون جيڪي بہ ڪيو آهي سو هڪ سچي پارسيءَ جي ناتي، جئن يسوع مسيح انجيل ۾ فرمايو آهي.

"پريتم وايو پرديس" هن ناول ۾ ڪٿي چيل آهي:

(١) ڳالهائڻ چاندي روپي ۽ ماٺ سون روپي (٢) زندگي سان، ڪاميابيءَ سان، عمر سان ڦيرو ايندو آهي. (٣) استري ۽ ابرڪا ٻئي سگهوُن پيدا.

"محبت جي راهہ تي".... هن ناول ۾ ليکڪ فرمائي ٿو:

(١) شريف جي ٽوپي لهندي آهي تہ هو بنا ڪجهہ ڪڇڻ جي مٿي تي پاڻي ڇڏيندو آهي، بدمعاش شور وغل مچائيندو آهي.

پاڻڪن جو راهو هو ته ناول دلچسپ هو پر گهر ۾ رکڻ جهڙو نه هو...... هن نه پئي چاهيو ته هڙو ناول گهر ۾ ڌيئر پيئر پڙهن.

مالهي صاحب جو اهڙو ڪو ناول نه، آهي جو ڌيءُ پيءُ ڪي پڙهڻ لاءِ نه ڏيئي سگهجي. اها به هن صاحب جي ناول نگاريءَ جي هڪ وڏي سوڀ آهي.

— "هڪ انسان، سؤ طوفان....... هن ناول ۾ مالهي صاحب لکي ٿو...... هوندي به ٿاڪو ڪنهن جي شاديءَ ۾ شريڪ نه ٿي ٿيندو هو، پر ڪالونيءَ ۾ اهڙو ڪو قصيو نه ٿيو هو، جنهن ۾ ٿاڪو نه ويو هجي. سمندتارا، ٽي نه چار، مري ويا هن جي عزيزن جي دشمني به هن کان اُن ويل وسري ويندي هئي. ڪاٺي ناهڻ ۾ همراهي ڪندو هو، پراٽيءَ ڪي مساڻن تائين ڪلهو ڏيندو هو، "هرنام سنگهه هئي" زور سان اُچاريندو هلندو هو، چکيا ناهڻ ۾ اڳيرو رهندو هو ۽ ميت جي جاءِ رهڻ تائين مساڻن ۾ ويٺو رهندو هو.

آنءُ ڀانيان پيو هڙو هڏڏوکي هيٺن جو همراهه ۽ جهان ديده ڪردار، جهان ديده ليکڪ ئي پيدا ڪري سگهي ٿو.

مالهي صاحب پنهنجي ناولن ۾ تفصيل ۽ تفضيلوار

پاڻپي سگهندو آهيان، (۴) هن مهان ديش اسان
جي ۾ ڀلا سڀ فقط ايمانداريءَ جي فقط اڳيان
ڪجهه به نه آهن. (۵) ڪهڙي چڱي ٽوڪي ڀڄائو
آهي ته هر شادي شده جوڙي جون دليون گڏيل
هونديون آهن. (۶) اڻ ڀڙهيل ماڻهوءَ جو هونءَ به
وشواس ۽ پيار ڀڳي اٿوت ٿيندا آهن.

رهوڪا نالي ناڪا پروفيسر ڪي چوڻي:
"ڀڳوان ڀڻ لاءِ جا شرڌا ادر ڀاليءَ ڪي هئي، مون ڪي
اوهان لاءِ، تنهن کان به وڌيڪ آهي."

سماڄي ٿي ناول ۾ ڪنهن ٻي هنڌ ليکڪ چوي ٿو:
ڪو سکه جي تلاش ۾ نه هو، سنتوش جي تلاش ۾
به نه هو، هو ڪو پئسي جي تلاش ۾ هو.

مالهي صاحب جي ناولن ۾ خيال جي آزادي به
ملي ٿي ۽ ٻي مکيه ڳالهه جنهن مون کي موهيو ته
هن صاحب جي ناولن ۾ اُگهاڙپ ۽ چرٽ هيندتا
ڪونهي. آنءَ ٻاڻ اُگهاڙپ ۽ چرٽ هيندتا کان ڪنارو
ڪندو آهيان. اهڙن چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته مان انهن
ڳالهين جي برخلاف آهيان. اسان ڀسمت سندي سيا
پاران ٻيل ۾ هڪ ناول، شري سندر حشمتراءِ جو ڇپايو
هو. اُن ناول ۾، ڪنهن چترڪار جي جيون ڪٿا
هئي ...... اهو چترڪار اُگهاڙن عورتن جا چتر
چترس ڪندو هو.

ڏيڻ چاهيندا آهيون. اسين پولڙا آهيون. فرق فقط
اهو ته پولڙا هر شيءِ جو نقل ڪندا آهن، اسان صرف
خرابين اپنائڻ ۾ هوشيار آهيون....“

– ”ڏاسي سيڻ ڪجن“- هن ناول ۾ ماڳهي صاحب
ثابت ڪري سڌ ڪري ڏيکاريو آهي ته ”پنجاب
۾ پرميشور آهي.“

۽ فدائتي نموني پيش ڪيا آهن..... اڇو ۽ هڪڙي
جهلڪ وٺون:

— ”سونهن جا سوداگر“ ناول ۾...... اچانڪ...
ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. هن جو ڪاٻو هٿ بي اختيار
ٽيليفون ڏانهن وڌيو. هن چوغو کڻي ڪن تي رکيو
۽ خشڪ آواز سان چيو، ”هلو.....“ ٻئي پاسي کان
آواز آيو، ”پروفيسر....“ هن اڌ ۾ ڪٽي چيو،
”سپيڪنگ....“ ”مال ته سلامت لٿو، ڏٺين ڪانئين نه
پهچايو ويو. رقمون وصول ٿيون. ڪٿي اچان؟“

پروفيسر وراڻيو، ”صبوح جو ڪٿي اچج“ ۽ ڏڙام
سان چوغو ٽيليفون تي رکيائين. ٽڪ رن.. جو وڏو
آواز ٿيو.

هن ٽي ناول ۾ ڏٺي سمگلر پر ڏٺي سمگلر
کي ٿو چوي..

”تون اسان جو معزز مهمان آهين. مهمان کي
پنهنجي ساه کان وڌيڪ سنڀالڻ هن ديس جي
پرمپرا آهي.“

ساڳي ناول ۾ ٻي ڪنهن هنڌ سنڌين جي اوڻائي
ڪيئن نه بيان ٿو ڪري!

”ڪنگال مان ڪروڙ پتي ته، ته لکاپتي الاهي
ٿيا آهن. مگر اسين سنڌي ٿي پونئڀاون جهان هلمت
ڪندا آهيون. معراي ڳالهين ۾ مغرب کي نه شه

٣. ”ساهڙ منهنجو سرتيون جي ڏسو سيڻئي
سِڪ تي سمهو ڪن، ور پاسو ڏيئي
منهان اڳيئي، گهڙو سڀ گهڙا ڪٽي!“
٤. ”ستا اُٿي جاڳو، لڌ لا ڪجي اهڙي......“

— سنڌو جي ڪناري —

١. ”پائي ڪان ڪمان ۾ مٿان مار ۾ مون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو توکي لڳي!“

— مسوريءَ جي راٽي —

١. ”ڪا منهين ۾ گهٽ، نه نه سڄڻ سڀاجهو گهٽو!“

— ڏيهي سڄڻ ڪچن —

١. ”پيئي پاڙيوارين، ڪوهه ڪريندو ڏم
آهي اڄ رات جو، ڪاليارين تي ڪم
هيءُ هڏ ۽ چم، گهوريون سڀ ميهار تان!“
٢. ”لڙ لهرين ۾ لڙهندي وڃان مان
مٽيءَ جي مدارت ڪندو ڙي ميهار“
٣. ”گهڙو ڀڳو، مند مٽي، وسيلا ويا
تنهان پوءِ سڀا، ميهار سڏ سهڻيءَ سندا“
٤. ”ڏهيسر جهان ڏهه سيئون، ڏهه ئي هوند ڏيان
ڏڙ مٽي سر هيڪڙو، ڏيندي لڄ مران!“
٥. ”ڏيهي سڄڻ ڪچن، پرديسي ڪهڙا پران......!“

مالهي ۽ شاهه لطيف

سنڌ ۽ هند جي عظيم شاعر........ نه آنءُ ڀليس، دنيا جي مهان ڪويءَ شاهه عبداللطيف جا بيت، مالهيءَ صاحب جي ناولن ۾ ائين سمايل آهن جئن کير ۾ کنڊ! شاهه لطيف جا دانشمنديءَ ۽ دورانديشيءَ ڀريا، سڪ ۽ سوز ڀريا، پيار ۽ محبت ڀريا بيشمار بيت ملن ٿا هنن ناولن ۾.

اچو ته شاهه سائين جي بيتن جي مالهي صاحب جي ناولن ۾ سڳنڌ سرهاڻ جهٽيون:—

— ڏاهي پرڏيهي ٿيا —

۱. "ڪي ويجها ئي ڏور، ڪي ڏور ئي ويجها سپرين!"
۲. "تو جنين جي تاس، تن پڻ آهي تنهنجي!"
۳. "تو ور ونيون ڪيتريون، مون ور تون ئي تون!"
۴. "هو نداسي هياس، جنهن اڳي جي جيا!"

— عشق ناهي راند —

۱. "عشق ناهي راند ڪي ڪنس ڳيرو
جيءُ جسي ۽ جان جي، ٻجي جو هيڪاند
سسي ليڙي پاند، اڇل ته اڏ ٿئي!"
۲. "ڏوريان ڏوريان م لهان، شال م ملان هوت
من اندر جي لوچ، مچڻ ملڻ سين ماني لٿي!"

الڳ ڪتاب لکي سگهجي ٿو.

”سونهن جا سوداگر“ ناول ۾ پروفيسر ٿو چوي :-

— مان هسٽري ۽ اڪنامڪس جو پروفيسر ٿي رهيو آهيان ۽ هاڻ هڪ قسم جو واپاري ٿيو آهيان. مان ڀليءَ پيٽ ٿو ڄاڻان ته اسان ٽئڪس جي لحاظ کان سماجوادي ملڪن کان به سماجوادي آهيون ۽ اسان جا واپاري فرانس، انگلنڊ ۽ آمريڪا جي واپارين کان وڌيڪ سرمائيداري ذهنيت جا آهن. انهيءَ ڪري سرڪاري ٽئڪس کان ڪترائڻ لاءِ ٻهراڻ نمبر ۽ ٻئي نمبر جا پئسا ۽ انهن جا الڳ الڳ حساب ڪتاب رکندا آهن.

.... سرڪاري ڪرمچاري ٿي نه، سرڪاري پارٽيءَ سان سنبنڌ رکندڙ ڪارڪن ڪرائون به سماجواد ۾ زباني وشواس ٿا رکن — سو به ان ڪري جو جهڙو لڳي وارو، تهڙي ڏجي پٺ، سر پاڪرو، ڏڙ ريڊارڪو. اصول سماجوادي ۽ عمل سرمائيداراڻو.

.... اسان جي ديس کي مهمان نوازيءَ جي مريادا مليل ڪان ٿي ولي مهانگي پيئي آهي. ڀارت مهمانن هٿان ٿي مسهو ۽ ڪسيو رهيو آهي. سٿين هجن يا شاڪ، يونانی هجن يا ايراني، افغان هجن يا مغل، انگريز هجن يا پورچوگيز — سڀني ڀارت جي

عبارت يا شيلي

هر ليکڪ جو لکڻ جو پنهنجو نمونو آهي. هن نموني کي انگريزيءَ ۾ "اسٽائيل" (Style) ٿا چون، هنديءَ ۾ "شيلي" ۽ سنڌيءَ ۾ "عبارت" يا "ڍنگ". مالهي صاحب جي شيلي سرل سڌي ۽ سچاوڪ آهي. هن جي ناولن ۾ تمام وڏا جملا ڪونه آهن، نه تمام ڏکيا اکر ئي ڪونه آهن ۽ منجهائيندڙ ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ گفتگو ئي ڪونهي، انڪري هن صاحب جي شيليءَ کي سرل سڌي سگهجي ٿو ۽ "اسٽائيل کي سمپل"........ هي صاحب انهن اديبن مان نه آهي جيڪي لکن ته پاڻ نه سمجهن ته پاڻ! جان رسڪن چيو هو: عبارت ادب جي روح جو نقش آهي.

ڪي سائينءَ جا سنوارڻا سنڌي ليکڪ وري اهڙا آهن، اهڙي نه انپڙهائنگ نموني ٿا لکن جو پاٺڪ پڙهي نه اُن جو سر ويو........ سمجهه ۾ ڪجهه نه اچي، پر مالهي صاحب نه سمجهه ۾ ايندڙ سياسي ڳالهيون ۽ سهج سچاو، سرل، سادڙو ۽ سمپل ڍنگ ۾ ٿو پيش ڪري.... جي هرڪو پيو سمجهي. اچو نه صرف سنڌس هڪ ڪتاب مان ئي ڪي مثال وٺون ۽ ته مالهي صاحب جي "عبارت" يا "اسٽائل" ٿي هڪ

چرپٽر هيٺيٺا خود گولا گون ٿيڻ لڳي آهي- سرپرڪ، ماسڪ، وھسوارڪ ۽ آلمڪ چرپٽر هيٺيٺا ۽ ٻڌسي وچھ اھون سنبدل جڙڻ لڳو آهي، جڙي ويو آهي....

........اڄ هر ڪنھن جي شاهوڪاريءَ ڏانھن ڊوڙ آهي ....

سرڪار ۽ اڳوان نعرو ٿا هڻن - غريبي هٽايو. ڪي غريب پنھنجي غريبي هٽائڻ لاءِ پاڻ ٿا ٻٽن ڪن.

اڳ ڌرم جو آفيم هو، اڄ دلاسن جو آفيم آهي.... ۽ خود آفيم؟ آفيم خود غريبي هٽائڻ جو واهڻ بڻجي چڪو آهي. ڪي غريب آفيم ٿا کائن غريبي ڀلائڻ لاءِ........

متي ڏسو، مالھي صاحب کھڙي ليئه سرل ۽ سياويڪ لهوني، سماجواد ۽ سرمائيداري، سرڪاري ڪرمچاري ۽ ودهشي ڪمپنيون، هپيز ۽ ڪارو ناڻو، اڳوان ۽ چرپٽر، غريبي هٽايو ۽ آفيم وغيره تي پنھنجا خيال ظاهر ڪري ويو آهي!

هن ئي ناول ۾ ٻئي ڪنھن هنڌ مالھي صاحب پروفيسر کان چوائيٽو.... سمگلنگ جو مکيه ڪارڻ آهي ٻلئڪ جي پئسي جو اڻاه هجڻ ۽ ٻلئڪ جي پئسي کي وڌائڻ لاءِ ڀارت سرڪار جي ٽئڪسيشن پاليسي ئي جوابدار آهي....

مهمانوازيءَ جو اڄوڪو نانءُ ورثو آهي. هاڻي نه
مهمان نوازيءَ جي نالي ۾، آزاديءَ ۽ لوڪشاهيءَ
جي استاپنا بعد به جي سهوليتون ودياشي ڪمپنين
کي ميسر آهن سي ڏيسي ڪمپنين کي نه آهن.

.... خود انهي هنڌ، جي مغربي سڀيتا جي ڪن
قسمن جا نمائندا آهن سي ڀارت جي سڙڪن تي
هوروالا ٿي ڦرندي نام نهاد آزاد محبت جو فاحش
مظاهرو ڪندا آهن ۽ گانجي ۽ چرس جي گنديءَ
باس سان فضا کي غليظ ڪندا آهن، سي نه ڪسٽم
آفيسرن تي نه، بلڪ اختياريءَ وارن وٽان به رعايتون
۽ همدردي حاصل ڪندا آهن.

.... رمس جي ميدان تي ناٽو ٿيندو، ڍهندو، ۽
مالڪي بدلائيندو آهي پر پنهنجو رنگ نه بدلائيندو
آهي — ڪاري مان اڇو، اڇي مان ڪارو. ناٽو،
ڪارو هجي يا اڇو، ناٽو ئي آهي، هن ملڪ جو ڀڳوان
ئي آهي. ڪارو ناٽو، اڇي کان وڌيڪ شڪتيشالي
ئي نه، ڀاڳشالي به آهي....

.... اڄ جي اڳواڻيءَ جي ڪسوٽي ڪهڙي آهي؟
قرباني يا پئسو؟ اڄ اڳواڻيءَ مان پئسو ملي رهيو
آهي يا پئسي مان اڳواڻي؟ پئسي ۽ سٽا وچ ۾ اڻون،
مگر انوٽ ناتو جڙي ويو آهي...

.. چرپٽ جا آهي؟ صرف اپديش جي وشيه......

محاورا، ٺُبت، سپڪ ۽ سهڻي
سنڌي زبان

مالهي صاحب جي ناولن ۾ ٻي انداز موهيندڙ محاورا، مائيدار سنڌي ٻولي ۽ سولن ساده سان ساليڪ جهڙيون سٺيون ملنديون.

آنءَ ڀانيان ٿو جڏهن سنڌي اديب، شاهه لطيف جون ست سورميون يا "شاهه جو رسالو" نه پڙهيو آهي سٺو ليکڪ، سهڻو ساهتيڪار ۽ اعليٰ اديب ٿي نٿي سگهي. جيئن سنڌي زبان کي شاهه صاحب تي ناز آهي تيئن هر سنڌي ساهتيڪار جو سونهون ٿيڻ کپي شاهه جو رسالو!

اچو ته پهرائين سنڌس محاورن جو مهراڻ پسون:

(۱) جن سوري پاڻيون سيج:-

۱) نديءَ کناري چوکر کنڍي، اچ نه ٻڏي نه سيپان ضرور ٻڏي!

(۲) پريتم ويو پرديس:-

۲) ناڪ لڳڻ

ٻئي ڪنهن هنڌ ڪنهن پارٽيءَ ۾ ڇهن ستن ڄڻن جي جهنڊ ۾ سياست تي بحث ڇڙي ويو....

ھڪ چيو: شڪر ڪريو، پارٽين ۾ ڪسان اڃا ٽڪيل آهن، مزدور سياست جو شڪار آهن ۽ فوجي، چيني ۽ پاڪستاني سرحد تي رڌل آهن...

ساڳي ناول ۾ پدما، پروفيسر کي ٿي چوي: ”زندگي، اتهاس کان وڌيڪ حسين آهي، پروفيسر صاحب!“

مالهي صاحب جي سرل شيلي، هنجي ناولن جو روح آهي ۽ اها عبارت وري مالهي صاحب جي روح جو نقش آهي!

٢١) لوڙ ۾ سڀ ڪوڙ، علم ۾ سڀ ٽوڙ

٢٢) وائيسر ٽڏڻ

٢٣) مات جي مهر

٢٤) ڄمري ڪالر ٻڪري کهڻ.

(٦) مسوريءَ جي راڙي

٢٥) ڪل مان زل

٢٦) هر دڳي ڇمڇو

(٧) ڻيهي ٻرڻيهي ٽيا

٢٧) جهڙي لڳي واهه تهڙي ڏجي پٽ

(٨) پيار جي شڪست

٢٨) ماءُ مري ڏيءُ لاءِ، ڏيءُ مري يار لاءِ

٢٩) معشوق کي ماٽو، عاشق کي پاٽو

٣٠) عشق جي چپات ڏاڍي ٿيندي آهي

(٩) جيون ساٿي

٣١) ڏلهو ڪائڻ، ڏلهو ڳالهائڻ

(١٠) هڪ انسان سؤ طوفان

٣٢) من جيتيو جڳ جيتيو

٣٣) غصو ڪافر ٿيڻ

٣٤) ڏاڇي لهي ڏه ڏ، لوڏو لهي ٿيرهن !

٣٥) گهر ۾ پالڻ ٻچڻ

٣٦) حڪون ۾ رکج، ناحڪون ۾ رکج

جيڪڏهن ڪو ڪردار اڻ پڙهيل آهي ته،

٣) اوڪ رهڻي وڃڻ
٤) ٻيءَ ڏڪار ۾ شراڌ ڪر
٥) چورن جا پائر ڳنڍي ڇوڙ
٦) منهنجي ٻلي مون کي مياءُ ڪري
٧) ڪنگڻ کي آرسيءَ جي ڪهڙي ضرورت
٨) سچو الله کان ڏاڍو
٩) ساڳيا لاٽون ساڳيا چگهه
١٠) دهليءَ جا لڏون کاءَ ته به پڇتاءِ نه کاءَ ته به پڇتاءِ.

(٣) سنڌوءَ جي ڪناري :-

١١) سٽ سرِ ٻڌائڻ
١٢) هن جا ٻٽر زور هئا
١٣) اڃا ته گهوٽ ماءُ انڌيڙي
١٤) جيڪا پٽڙن جي سا ساڌن جي
١٥) انڌيڙي پر وه جي ڳنڍيڙي
١٦) پيار ۽ جنگ ۾ ڪجهه به روا آهي.

(٤) محبت جي راهه تي :-

١٧) فرض سان گڏ حق به هوندا آهن
١٨) جتي نه پهچي روي اتي پهچي ڪوي.

(٥) عشق ناهي راند :-

١٩) ڪڏهن چت ته ڪڏهن ڇامت
٢٠) ٻلي ٻلي پاڻ سان به ٻلي.

شرم ٻوڙي ٻراهي چوڻي: "اڄ مون وڏو ڪونهي ڪپڙا ۽ مرض پيا اٿم." "اهو، لوڙهه سان مٿو ڌاري ڇڏيندءِ." "هاڻ مان وري نه ٻڌندس. پـل اهو ۽ ٻه اڌ ڪري وڃهي."

مالهي صاحب جي ڳالهين ۾ سولن اهڙين سهڻين سٽون ملن ٿيون جي هر ليکڪ پنهنجي اسڪٽين ۾ ڪتب آڻي سگهيٿو: اڇو نه ڌسون آهي سٽون.

— جن سوري ڀاڻين سيج: —

١) پنهنجي ذاتي سک جي لاءِ ڪنهن بيگناه کي ضرب رسائڻ حاسد جو نه، عزازيل جي ٻولڳيءَ جو ڪم آهي.

٢) ڀاڻيءَ جي عدم موجودگيءَ ۾ هرڪو اسامت جو گلو د ٻاٽيندو آهي، ڪرو ڪو جو ڀاڻيءَ هوندي اجاڻل رهي ڌڪاري.

— ٻرڻم ولو ٻرد ٻس: —

٣) سمندر جي سٽڻي ني لهرن جي لڪڙي ڳال.

٤) انسان دوکي ڪاڻڻ ڪان وڌيڪ دوکي ڌڻڻ ۾ هوشيار آهي.

٥) جيٽرو اهتر ڪلاڪار ليٽرو ٻدتر انسان.

— سڌو جي ڪداري: —

٦) هر ڪا رچنا ٻيڙا جي پيدائش آهي.

٧) جڏ ٻاس روڻي ساگر ۾ چڏچل ماڻ، ٻـٽر ڦٽو

مالهي صاحب ان کان ٻولي ۾ اهڙي نموني جي ٿو چوائي :-

"هڪ انسان سؤ طوفان"...... ناول ۾ ناڪو، جواري شرابي ۽ داداگير آهي ۽ آهي اڻ پڙهيل...... هو سنڌي اکر ۾ اهڙائي ٿو ڪتب آڻي جهڙوڪ:-

ڏنڊو، لپاٽ، اگهاڙون، ٺيڳو، جوءِ کي وڃي جٽيا پاءِ، هلڪٽ، ٺڪ هڻي ۾ ۾ پڇان.

ناڪو جو اڻ پڙهيل پاءُ ڏرمون وري مٿرڪ کي مٿرڪ ٿو ڪولي.

"عشق ناهي راند": هن ناول ۾ اڻ پڙهيل ڪردار کي اکر ۾ پنهنجي انداز ۾ ٺا آلاپن جهڙوڪ:

انگريجي، جاپطو، اپتراج، گرياب، ساهوڪار، قرج، ڪس .... وغيره.

هن صاحب جي ڪن ناولن ۾ کي اهڙا ئي سنڌي اکر آهن جيڪي اڄڪلهه ٻڌڻ ۾ نه ٿا اچن جهڙوڪ :- اکڙي ڪيڻ، جهلي، آهلڻ، فرجو، الچر، سوامو، نپاني، اولو، جاڙي، لپس، ڪمدار، ڦل، گٽي وغيره.

"شرم پوني" ناول ۾ بازيگر ڇوڪري "پرامي" ۽ "داسي سيڻ ڪجن"- ناول ۾ مهاڻي ڇوڪري "شالدي"، ٻولي ۾ پنهنجي جاس، لباس ۽ ڪرت موجب ٺيون ڳالهائن.

ڏيڻو سگهي.

١٩) آدجڳاد کان وٺي چند، برهمڻ جي وچ ۾ ايمانداريءَ سان ليا پا ٻهچائيندو رهيو آهي.

٢٠) جوت کيئن هندکي يا مسلمانکي ٿيندي؟

— هڪ انسان سؤ طوفان : —

٢١) ياءُ ٻهڻجو آهي لمستاءِ جيستاءِ ياجائي لـ، آهـي.

— سمگلر —

٢٣) هر ڏوهاري کوله کو، انڃاڻائيءَ ۾ ثبوت ڇڏي ٿو وڃي ۽ اهو ثبوت آخر کيس پڪڙائي ٿو.

ناول جي بين عمدن اثاثن سان گڏ جيڪڏهن بوليءَ ۾ رواني آهي ته ڀانءِ هڪ دفعو ناول هٿ ۾ کڻندو ته اهو پوري ڪرڻ کانسواءِ نه رهي سگهندو. اهـا خاصيت مالهي صاحب جي ناولن ۾ ملي ٿي ۽ جهجهي ملي ٿي. انڪري هيءُ صاحب سنڌي زبان جو مهان ناول نگار ڪري ليکجي.

ڪوبه ناول نگار يا ڪهاڻيڪار صرف جيڪڏهن سنڌي سنڌي ڪهاڻي لکي ٿو وڃي ته اُن ۾ ڪهڙي ڪلا آهي؟ اها ته ڪير به لکي سگهيو پر جڏهن هو مالهيءَ وانگر فن سان لکي ٿو تڏهن هو فنڪار سڏجي ٿو.

مالهي صاحب وقت شبدن جو ڀنڊار آهي ۽ سنڌس

ڪري وٺي.

— محبت جي راھ تي :

٨) ھن جي چھري تي اولاد لڪ چپ راند رمڻ لڳي.

٩) ليکڪ، اکين جي آب کان لفظن جي اوڪن معرفت وڌيڪ همدردي حاصل ڪري سگھندو آھي.

١٠) استري پرش کان وڌيڪ دريءَ ابر ڇو آھي؟ ڇاڪاڻ ته ھوءَ سرجڻ ڪندڙ آھي.

١١) ليکڪ پيدا ٿيندو آھي.

١٢) من جي اولاد، روشنيءَ جي باوجود

١٣) ڇوڪري ماءُ پيءُ جمڻ شرط، ماءُ پيءُ ڪٽي ايندي آھي.

١٤) انساني ناتا انالن جا محتاج نه آھن.

— عشق باھي راند : —

١٥) عشق انسان کي ٻڙي ۽ گمبير تو اٺاڻي ڇڏي.

— مسوريءَ جي راٽي : —

١٦) ٻڪ ۽ سدٽي ليکڪ جو عمر ڀر جو ساٿ آھي.

١٧) استريءَ جو پاڻ تي ضابطو سلامت رھيو نه پرش ھنجو ڪجھ به نه بگاڙي سگھندو.

— ڏھي پرڏھي ٿيا : —

١٨) انسان، انسانيت جو دامن گھٽي دڙ ڇڏي

هجي، ڪنهن کي ڪو آئيڊيا اچي وڃي ۽ ڪنهن کي ڪو وجهه ملي وڃي، پوءِ هنجي مالي ڪٿا ٻه ٻه ڪمائيندا. قاعدي واري ڌنڌي ۾ ته جهجهو پئسو آهي، بيقاعدي ڌنڌي ۾ ته پئسي جو اٿو لاهي مٿو ۽ سمگلنگ ۾ ته، مال پيو آهي مٺين، ڪائي جهون کي قسمت ڪٺين......

اٿو لاهي مٿو
مال پيو آهي مٺين
ڪائي جهن کي قسمت ڪٺين
انهن جملن ۾ شاعراڻي لئه آهي.

سلوٽي ٻوليءَ ۾ لچڪ آهي.

اچو ته ڏسون مالهي صاحب جو شبدن جو ڀنڊار:

واقعا ۽ ويچار، صلاحيت، سمجهاڻي ۽ سلجهائڻ، اوڙاه ۽ آڙاه. شعور، عين اهين، صداقت ۽ سچائي، هاچو ۽ هلاڪ، رولاڻ ۽ رولاڙڻ، سرڙ ۽ اسميت، وٽاءَ ۽ واسط، سنڌ ٻڌ ۽ سهڻ شڪتي، شان ۽ روح روان، طالب ۽ مطلوب، رحمت ۽ زحمت، رٻو ۽ رعب، مفهوم ۽ معيار، افلاطوني پيار ۽ نفس انفس، رغبت ۽ رقابت، صوفي عشق، حب ۽ هوس، لچري، سالت ۽ سيتل، ڪمن ۽ قرباڻين، گنڀيرتا ۽ سهڻ شيلتا، رشڪ ۽ حسرت، قولون، افراد، ٻي حرمتي، چمن جي ٻارش، ٻرڪا، خوشامد ۽ خاطرداري.... وغيره.

”ديسي سڀڪجن“- ناول جيوڻ سنڌي، ساڻين ٻهوس جون ڪون نو اُچاري ۽ ”سونهن جا سوداگر“ ناول ۾ پروفيسر صاحب، پنهنجي انوکي انداز ۽ ادا سان اڙدو شعر و شاعري نو ڪري.

”جيون ساٿي“- ناول ۾ جيڪي خط پيش ڪيل آهن، اهي به پڙهڻ لائق آهن.

مالهيءَ جي سلوٽي سنڌيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي شاعراڻي لطافت جي جهلڪ به ملي ٿي. اچو ته هڪ مثال وٺون.

”سونهن جا سوداگر“ ناول ۾ صفحي ٨١ تي......

......پيار، ديس ۾ اڻاه پنسو آهي. ڪنهن ۾ حرفت

٤) پنهنجي پيءُ شڪ ڀڳوان ۾ ترقي نه ڪري سگهندو.

”سنڌو جي ڪناري“- ناول ۾ به چڱو مذاقي ماحول کڙو ڪيل آهي.

گومتيءَ وارو چوڻت ۽ پولڙيءَ وارو چنچل چڱو والڊ رائيٽن تا. جهامن جو وري لکيو ڪلام آهي........ ڇا پڙهڻ ؟

اچو ته هن ناول مان اوهان کي مذاقي گفتا پڙهايان. ١) سچو آن پٽ سچو آن. ٢) پوپوءِ رڻي پوپري لوڪي ڪير ماري؟ ستيون ڏير ماري؟ ٣) هن کان جيڪر پاڻ ماڻهو بهتر ڪريون. ٤) ليڪن ويڪن کي مار گولي. ٥) هنت پاپرا ڪوٺلا نه پاپرا ڪنبا جام آهن. ٦) سڪ ۾ ته ڪو ڀڳوان کي به ياد نه ڪندو آهي.

— ”محبت جي راه تي“- هن ناول ۾ به ليکڪ ڪٿي ڪٿي مذاقي ماحول کڙو ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

نائڪا چوئي :- مٺو ڪوجو، ليکڪ نه ماستر ٿيو لڳي.

پڙهي هنڌ : آڏي پڇا:

١) ڪٿي گڏيا هئاسين ؟

جهنم ۾

مذاقي ماحول

آنءُ ڀانيان ٿو ته جيئن ڪامياب زندگيءَ لاءِ "سينس آف پروپورشن" ۽ "سينس آف هيومر" ضروري آهن تيئن اديب جــي ادب ۾ ۽ ان کي ڪامياب بڻائڻ ۾ ڪٿي "هيومر" يعني مذاقي ماحول لازمي آهي.

مالهي صاحب جي ناولن ۾ موهيندڙ مذاق آهي جا سندس ناولن کي دلچسپ ۽ وندرائيندڙ بڻائي ٿي. ڪهاڻي سٽي هجــي، ڪردار بي باڪ هجن، وڻندڙ واقعا ۽ گفتگو هجي ۽ ان سان گڏ جيڪڏهن مذاق هجي ته اها سوني تي سهاڳي مثل آهــي. موهيندڙ مذاق ڪري سگهڻ يا مذاقي ماحول کڙو ڪري سگهڻ اها به هڪ ڪلا آهي.

— "پريتم وٺو پرديس" ناول ۾ ڏسو ڪي ڪردار ڇا ٿا چون!

١) انگريز هليا ويا پنهنجي "ساڙي" ڇڏي ويا ...... پر "ساڙهي" ڪٽي ويا.

٢) تون ڪٿي رهندي آهين؟

جتي تون به رهندو آهين.

٣) امبڙيءَ ۾ پاڻيءَ جا به پيسا ڏيڻا پوندا آهن.

"قيمت ! تنهنجي نالي ۾ اڄ ڪنهن جو خط آيو هو؟"

"گدوءَ جو، سو."

"ڇا لکيو اٿس؟"

"ڪراچيءَ سکه سان پهچڻ جو احوال ڏنو اٿس، سو."

"انهيءَ لاءِ چٺي لکڻ جي ڪهڙي ضرورت هيس؟ هو جو نڪيمت وٺي هتان گاڏيءَ ۾ ويٺو، سو سکه سان نه پهتو هوندو نه ڇا دکه سان پهتو هوندو؟"

"دنيا سمجهڻ ڪجن." ناول ۾ سنڌي جيوڻ پنهنجي محبوبا مهاڻيءَ شالميءَ کي لوري جام تماچيءَ ۽ سهڻي ميهار جي ڪٿا ٻڌائي. سهڻي ڏم کي ننڊ ۾ سمهاري ميهار سان ملڻ ويندي هئي. شالمي "ڏم" کي "دم" ڪوٺي.

هن ئي ناول ۾ ڪنهن هنڌ ڪو ڪردار چوي ٿو: ١) جتي ستيا ناس، اتي سوا ستيا ناس. ٢) مڇلي قاسائڻ سوکي مگر مڇلي مار ڇوڪري وس ڪرڻ اوکي. ٣) شالمي روپ آهي...... رهڻي نه راڻي مٽي نه مهاڻي. ٤) استري پرش جي ڪشمڪش ۾ هارائڻ جيت ۾ استريءَ جي نه ٿيو ئي جيت ۾ استريءَ جي.

– "شرم پوني" ناول ۾ ڇمڇيءَ واري موجي

٢) منهنجو نالو ڇا آهي؟

نالي جي نڪتي لڳائي ڦر

٣) وچ ۾ ڪير ڳالهائيندو آهي؟

گنڍ ه .

٤) ٻاجهن ۽ ناٽي جا نمبر ڏيندا آهن........ ڀهراڻ نمبر جو ٻٽي نمبر جو.

—"عشق ناهي راند" ناول ۾ صفحي نمبر ٢٤ ۽ ٥٧ تي مذاق جو ماحول ملي ٿو. اچو ته ان جو لطف وٺون :-

جيئن مامي جا پير هلندا هئا تيئن سندس چاڙهي ۽ هلندي رهندي هئي. نالي جون ٻڌيون ۽ باغ ۽ انهن جا هاري ۽ ڪڙمي........ مامو روز انهن جون ڳالهيون شروع ڪندو هو. انهن ڳالهين مان ڪيترائي ڏه دفعا اچي ته ٻڌيون هوندم، ٻر مامو شايد ائين وسهندو هو ته مان سخت وسارو آهيان......

مسٽر هولنڊ راج اسڪي ٽارلاڪ ۽ جاگرافي پاڙهيندو هو. دنيا ۾ جيڪي ملڪن ۽ ماڻهن بابت جيري جاڻ هوندي هئس. هن جي واقفيت جو وسيلو صرف ڪي ٿورا جاسوس ڇوڪرا هئا. ان آڌار تي هو ڇوڪرن لاءِ ڪال اٽڪي ڦرندو رهندو هو.

مان هيسائل ڳڪدام ڇيان اچڻي وڏي اچا پڙهڻجي جاءِ تي ويٺس مس ته ماسٽر جو ڪڙڪ آواز آيو،

ليکڪ لکي ٿو:
١) شيون جا مٿهن سدائين ڏوٽل هوندا آهن.
٢) ڪنڊ هر جتائي ٿو تہ عمارت واقع عاليشان هوندي.
— "هڪ انسان سؤ طوفان". — ناول ۾ ڪردار موهن جو لکيو ڪلام آهي:- هي رام تنهنجي مايا!
هي رام تنهنجي مايا!!

ٺاڪو داداگير هڪ هنڌ چوي ٿو:- هو منهنجي هڪ لپاٽ جو خرچ آهي.

ٺاڪوءَ ڪان هن ٿي ناول ۾ .... جسيءَ جي سوٽ گيان پڇيس، "سنتو ڪٿي آهي؟"

ٺاڪوءَ هاڪو ٺهڪ ڏيئي چيو، "منهنجي ڪمري ۾ پيو آهي، ڪڍي ٿو ڏيانءَ."

— "جيون ساٿي" ناول ۾ جيرام ٿو چوي: "ٻالاٽيءَ پاڻ ماڻهن ڪـــي ڪملا جي آڇ ڪئي آهي، قبول ڪريون؟ پاڻ ماڻهو هاڻي ڪنوارا رهي بيزار ٿي پيا آهيون." گيان مشڪندي چيو: دير نہ ڪر. اسان ماڻهو نہ مٿاڻي ڪاڻڻ لاءِ آتا ويٺا آهيون.

— "پاپي" ناول ۾:—

ٽئين جنمي پالي هئم. جنمي معذور ٿو پئي. منهنجي سرڳي ڏاڏي جو نالو هو ٿو پٽداس. منهنجي ڏاڏي ٿو پيءَ بدران چوندي هئي "جنمي".

رمس ۾ منهنجي ڪچي پاراٽي جي همڪلاسيءَ

موليڏني جا پوڙهه پڙهڻ لائق آهن. موجي موليڏ نو آکي
تو .... ١) ديوان ذرا پڙهڪي .... اڳيان جهاڪو
اٿئہ. ٢) منگو ذرا پڙهڪي اڳيان جهاڪو اٿئہ. ٣)
پيرومل ذرا پڙهڪي اڳيان جهاڪو اٿئہ.

هن ئي ناول ۾ پيو ڪو ڪردار چوڻو:-

١) تنهنجا ٻچا جيئن، مون اجا شادي ئي نہ
ڪئي آهي. ٢) جيڪڏهن گڏهہ هوندو تہ تنهنجي
ان دلجاءِ تي اعتبار ڪندو. قبلا مان پيو ڪنهہ ٻہ
ٿي سگهانئو، هڪ گڏه نہ.

— "سمگلر ناول ۾ ليکڪ ڪٿي چاڻائي ٿو ......
١) جيڏا بدن جا موٽا اهڙا عقل جا ٿوٽا.

—"جن سوري پاڻين سيج" — هن ناول ۾ هو ن
جي ڪهاڻي آهي پر تڏهن بہ ليکڪ ڪٿي مذاقي
ماحول قائم ڪري سگهيو آهي اها سندس قلم جي
ڪرامت قوت آهي......

١) لمڪيني ديوو جيئن وڏيڪ سوادي ٿيندو
آهي تيئن چرچي مسڪريءَ واري حالي بہ وڌيڪ
مزيدار لڳندي آهي- ٢) زبان چرجي آهي، الاجي
ڪيڏي مهل حق و ناحق خطا ڪري وٺي. ٣) مکي
گوڙومل، ڏولئيءَ جي لاڳي هٿ ۾ جهلي ڊوڙندو
پاڙيءَ جي اوطاق مان ٻاهر نڪري ويو.

— "مسوريءَ جي راڻي" — ناول ۾ هڪ هند

هندو شاستر، لوڪ ڪٿائون ۽ لوڪ گيت

مالهي صاحب پنهنجن ناولن ۾ شاهه لطيف جي سٽن سورمين جو نه فقط اهو ئي ذڪر ڪيو آهي، پر لوڪ ڪٿائن ۽ لوڪ-گيتن کي به نه ڀلايو اٿس ۽ مارڪسوادي هوندي رامائڻ، مهاڀارت ۽ هندو ڌرم جو به هن تي وڏو اثر رهيو آهي.

—”شرم ٻوٽي“ ناول ۾ ”رام“ ڪردار ڏسو پنهنجي ”ٻيڙي“ امر کي ڇا ٿو چوي:

”هن سماج ۾ ڪن ٿورن کي ڇڏي ٻين لاءِ جيئڻ ئي جنجال آهي. اما، تون ٽڪاڻي ويندي آهين نه؟ مهاڀارت جي وارتا ضرور پڙهي هوندءِ. ڪورون پانڊون جي لڙائي اڄ به جاري آهي، البت ڦريل روپ ۾. ڪرشن، ارجن کي سچ ۽ انصاف جي لڙائي شروع ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي نه! مان جڏهن اڄ سچ ۽ انصاف جي فائدي ۾ لڙڻ لڳو آهيان تڏهن تون مونکي روڪڻ جي ڪوشش ڇو ٿي ڪرين؟ پنهنجي پُٽ ۽ موهه جو واسطو وجهي ڪمزور ڇو ٿي ڪرين؟ گيتا جو گيان ياد

چيو، "ٽوپي تہ ڏاڍي سٺي پاتي اٿيئي." مون
چيومانس، "ٽوپي نہ، آهي جمعي آهي." پاڻي ۽
پکي ٻاراٽي جو تاڀر لٽڪر ٻٺو هو. چيائين، "منهن
جي پيڻ آهي جمعي، اهـا لڌهڻي مٿي ۽ کيٽن
آئي؟" مون ان چيو، "کيٽن آئي، ويٺي پيڻ کان
پڇي."

"منهنجي پڪي پال وڏوا پٽي هئي. هن ڪبيرتن ۽ ستسنگ جو سهارو ورتو...... الهيءَ ڪبيرتن ۽ ستسنگ جي سهاري، هن پنهنجي اڪسالي جند پات لي ضابطو آندو ۽ مٽي حيالي ڪاٽي ڇڪي آهي.

—"محبت جي راھ لي" ناول ۾ پنهنجو گنگدائي تو:- چترڪوٽ کي گهاٽ لي، پڙي سنتن کي ڀيڙ.

تلسيداس چندن گهسي، تلڪ ديت رگهوبير.

هن ئي ناول ۾ ڪبير جو بيان آهي ۽ هڪ انڌو فقير ڪشتو ۾ ڦهلائي ڪبير جو دوهو ڳائيندو:-

"ڪبيرا کڙا بازار ۾ سب ڪا مالگي خير،
ناڪسي سي دوستي، ناڪسي سي بير."

—"پاپي" ناول ۾ جيپ صاحب جي پوڙهن جو ذڪر آهي ۽ مڪر سنڪرانت جو به بيان آهي. هن ناول ۾ جنم مرڻ جي چڪر جي به ڳالھ آهي.

پاپي چوندي: "تو سان منهنجو خاص موھ آهي؛ جنمن کان. اڳئين جنم ۾ تون منهنجو پيءُ رهيو هوندين......" هنجو گلو ڀرجي آيو.

پاپي چوندي :- لالڪ شاھ گرو آهي ۽ لطيف شاھ درويش آهي. بارگمت ڳالھ ڏسن ڌا هيڪڙي.

پاپي وقت به وقت گنگنائيندي هئي........

ڪري پنهنجي پرائي جو تفاوت لهي ڇڏ.....“

— ”عشق ناهي راند“ ناول ۾ عمر مارئيءَ جو چڱو ذڪر آهي.

هن ئي ناول ۾ مالهي صاحب ڪٿي لکيو آهي: اسان جا شاستر ۽ گرنٿ اڳيئي ايامن کان اسان کي ٻڌائيندا رهيا آهن ته ”انسان خطا جو گهر آهي،“ پر هيترو مون چالو آهي ته ان سان گڏ انسان ڪمزورين جي کاڻ به آهي.

— ”سنڌوءَ جي ڪناري“ ناول ۾ ”ليلا-چنيسر“ ناٽڪ ڏيکاريل آهي. هن ئي ناول ۾ لاڏا، ڀڳت ۽ لوڪ گيت ڏنا ٿي اصولــي ڦهڪايا ۽ ٿهڪايا ويا آهن .

لڏگڙا لماٽي دا جهولن ٽيولن پالڻا.....

جهڻ ڪي سولي منڌي چيچ ۾، هو جمالو، جالي جمالو.......

لاڏو:-

اچا ته گهوٽ ماءُ لڏي ٿي .... الهڻ ڪانسواءِ ٻگولتي ناواٽيءَ جا ڳــالهيل ڪي گيت ۽ لاڏا وغيره به مٿن موهيندڙ آهن.

”ٻر ٻتم وٻو ٻرد ٻس“- ناول ۾ ليلا چنيسر، عمر مارئي، لوري ڄــام تماچي کان سواءِ يوسف-زليخا جو به ذڪر آهــي.

— ”جهــون سائي“— ناول ۾ گيان چــوٿو:-

”مالهيءَ جو ٻهڙوين ناول“

دنيا جي ادب ۾ ادب جا شهپارا، اهي ليکڪ ڏنا ليکيا وڃن جن جو واسطو ڳوٺاڻي ماحول سان رهيو آهي. مالهي انهن مان هڪ آهي.

زندگي انيڪ رنگن، روپن ۽ ڪيفيتن سان لبالب آهي. مالهي صاحب هن ناول...... ”ڀڪيڙا ولر کان وڇڙيا“...... ۾ پنهنجي ٻالڪپڻ ۽ جوانيءَ جي ٻوٽن جهڙن ڏينهن کي ياد ڪندي، ساٿيءَ جي پنهنجي ڳوٺ جي جيون جو چٽر چٽيو آهي. هن ناول جو مکيه ڪردار آهي ”ڪندن“. پر هيءَ صرف ڪندن جي ڪهاڻي نه آهي........ سنڌ جي هر ڳوٺ جي ڪهاڻي آهي. هيءَ ڪهاڻي آهي ڪندن سان گڏ ساول جي، گرمکه سان گڏ رام جي، سيعلو احمد شاهه سان گڏ سيد نواب شاهه جي، مدن فقير سان گڏ خانڻ جي، ابراهيم سان گڏ رمضي جي، هاجره سان گڏ جيٺوءَ ماءُ جي.......

هن تخليق جو مکيه سنديش آهي ڌرتيءَ جي ڳالهه...... ڌرتيءَ کان وڇڙڻ جو درد. لال خان جي خيال موجب، جو ڳوٺ هندو مسلم ايڪتا ۽ امن جي ڪري سنڌ جو سرڳ هو، اهو عابد خان ۽

"واهه سيٺ تنهنجي وس، آنءُ ڪا ناڻ وهيٺي!"
"الا ڏاهي مَ ٿيان!"

هن ناول جي پڇاڙي ۾ ٿئي ٿي... ايڪو اونڪار ستنام ڪرتا پرک...... اڪون سان.

— "ڏسي سيٺ ڪڇن" — ناول ۾ شالو ڏسو مندر جو بيان ڪيئن ٿي ڪري!

"اِلي ۾ ايوڌيا پتي شري رامچندر جي مهاراج جو راڄ آهي. هن جي مورتيءَ سامهون ٻيا مندر اندر وڙهڻ ۾ درڪار، گار ڏيڻ ۾ گناهه آهي. اهو مندر ڪو جهڙو تهڙو مندر ڪونهي. ڇو ته شري رامچندر جي مهاراج بنواس پورو ڪندي دکڻ ڏانهن ويندي ڪي گهڙيون ان مندر واري آستان تي وشرام ڪيو هو. ان مندر ۾ ڪير به دارون نٿو پي سگهي، يا ٻيو دراچار نٿو ڪري سگهي.

شالو چوي ٿي :-

"اهڙي ڏيڻي ڪان رشي مني به ڇٽل ڪونهن، تون مان ته ساڌارڻ انسان آهيون."

شالو جدارڻ کي چوي ٿي: ٻاد رک، تو ڪان به ڪا طاقتور شڪتي آهي. راوڻ ۽ هرناڪش جهڙا دشٽ به ته ڀسم ڪيا ٿيا هئا نه؟

پڇي ڪنهن هنڌ شالو چوي ٿي:

"ڀڳوان هميشه سچ جو ساٿي آهي."

هڪ پاسي ته مهراج شنڪرداس ۽ گرمکه ٻئي پاسي هندو - مسلم ايڪتا ۾ ڏار وجهي ڇڏي.

هن ناول ۾ پنج عيدن ۾ جمن شاه جو ميلو، سخي داد واريءَ جو ميلو، چيٽي چنڊ جو ميلو، پوهوءَ جي باغ ۾ صوفي سماڳم، اوطاقون ۽ ڪچهريون، مکي ۽ پنڊتاڻيون، شاهي بزار، اسٽيشن ۽ مارڪيٽ، ٽولڪي واه جو ڪنارو، نوشهرو ۽ محرابپور، پريا ۽ ڏيرو، جيٺي لعل جي ٿلهي تي برانڊ جوت، جهوليلعل ٻيڙا پار، گرسنگت ۽ پنڊتاڻي هال، لال خان جي گرانٽ انڊين ٿيٽريڪل ڪمپني ۽ شمشاد بيگم بابت پڙهندڙ ته ائين لڳندو ڄڻڪ سنڌ جو سير ڪري رهيا آهيو.

حسن هڪ ازلي حقيقت آهي! ليکڪ ٻوٽن جي اڻ ڇهيل سونهن جو ڏسو اظهار ڪيئن ٿو ڪري!........

”ڪارن اُين وارن جون ڇڳون هوا ۾ اُڏامڻيون، چيلهه وٽ پدل پوليءَ ڪارڻ ڪمر وڌيڪ پتلي ٿي لڳي. سينو ڄڻ ساگر جي موج مثل اڀٽي وڌندو ٿي آيو. هندي جوان معصوم مهانڊي تي جهار مٿان سوپ حاصل ڪرڻ جي خوشيءَ ٻٽي ڪيليو. گليلي هلائڻ جي ڪثرت سبب ڳلن تي لالائي وري آئي هيس........“

مالهي صاحب هن ناول ۾ ”سانول“ جهڙو شاندار ڪردار ٿو پيش ڪري— نااميد ۽ بي همت پاڻرن

شنڪرداس جهڙن ڪردارن جي ڪري ترڪ اٿيو. هندن کي سنڌ ڇڏڻي پئي. ناول ۾ سنڌ نه ڇڏي پر جن ڇڏي، اهي اڄ تائين اُن پيڙا ۾ ڀوڳيندي رهيا آهن.

ماڇي صاحب هڪ اعليٰ ناول نگار آهي جنهن پنهنجي ذات ۽ ذاه سان، اعليٰ عبارت سان ٢٥ ناول لکيا آهن. منهنجي خيال موجب سندس هيءَ ناول بهترين ناول آهي. سندس سڀ ناول ”آسون“ کان ”پاڻي“ تائين سڀ جا سڀ سانڍڻ لائق ۽ پڙهڻ لائق آهن پر هن ناول، منهنجو من موهيو. هن ناول ۾ رواني آهي ۽ آهي سنڌي زبان تي دسترس. محاورا ۽ ٺيٺ سنڌي اکر ائين ٽڙيا پکڙيا پيا آهن جيئن گلشن ۾ گل. هٿ ۾ هڪ دفعو کڻندءُ ته پوري ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهندءُ.

ڪلي ۽ ڪڙو، هري ۽ هڙون، اُڪري ۽ گهڙامجي ...... اهڙا اکر اڄ ٻڌڻ ۾ ڪٿي ٿا اچن.

هر ڪردار جي من جي ٻاريءَ لئي سچن جون مکڙيون ٽڙنديون نظر اچن ٿيون.

ڳوٺ ۾ هندو مسلم ايڪتا هئي. ڇنڊي ڇنڊ جي ٻهراڻي ۾ ۽ محرم جي تابوت ڪاڍڻ ۾ هندو ۽ مسلم جي ٻهرو وٺندا هئا. مطلب ته هندو ڳوڙي مسلمان محبت ۽ صحبت سان رهندا هئا. پر عابد خان ۽ ٻچل

ناول جو فن ۽ ماهيت

ڪهاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ ناول جو دائرو نه رڳو ڊگهو وسيع ۽ ويڪرو آهي. ڪنهن جي پوري زندگيءَ جي ڪهاڻي، ناول ۾ ڏيکاري سگهجي ٿي. ان ۾ هڪ نه پر ڪيترائي ڪردار، واقعا، وشيه ۽ نظريا، وغيره پيش ڪري سگهجن ٿا. ناول ۾ ان وقت جي سياسي ۽ سماجي عڪاسي به اچي وڃي ٿي. زندگيءَ جي وسيع رشتن ناتن جو اظهار به هجي ٿو.

ناول جي مکيه ڳالهه آهي ٻولي. ڪلاتمڪ نموني، اثردار نموني، دلراڻيندڙ نموني ڪجهه نٿو ڏيکاري.

ناول نويس جو ڪارنامو، ڪرشما ڏيکارڻ نه آهي پر پنهنجي شعور سان سٺي ۽ برئي، ضروري ۽ غير ضروريءَ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ آهي.

سٺو ناول اهو آهي جنهن ۾ "ادب براءِ زندگي" اصول اپنايل هجي.

ناول نويس/ناول نگار وٽ اصولن جي پختگي هجي، سماجي برائين جو حل هجي، لفظي ڪلابازيون جي پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ تي بوجهو وجهي پون. آهي نه هجن، انساني محبت جو سر چشمو

جي وچ ۾ رهندي آ، هو سنڌ ڇڏڻ کان انڪار ٿو
ڪري. چوي ٿو ”منهنجو هتان جي ذري ذري ۾
ساهه آهي. هتان جون گهٽيون ۽ گهٽڙ، کيت ۽ باغ
مون لاءِ بيجان چيزون نه آهن...... مان هنن کي ڇڏي
نٿو سگهان.“

آکيرو ٽٽو، پکي اڏاڻا، پکي ولر کان وڇڙيا......

هن ناول ۾ سڀ کان وڌيڪ مالهي صاحب ديش
جي ورهاڱي ۽ سنڌ مان لڏ پلاڻ جي پيڙا جو چتر
چترت ڪيو آهي.

سنڌ جي عظيم شاعر مرحوم شيخ اياز ”ڪاڪ
ڪڪوريا ڪاپڙي“ ڪتاب ۾ لکيو هو...... ”سويو
گياپيندا ٿي اسانجو لال قلندر آهي. هنجي مٽي کان
پوءِ هن تي ميلا لڳندا.“ مالهي صاحب لاءِ منهنجو
خيال آهي ته مٽي کان پوءِ مالهي صاحب وري سنڌ
۾ جنم وٺندو.

پڇاڙيءَ ۾ آءٌ اهين ٿي چوندس ته مالهي صاحب
حقيقت ۾ ڪلپنا جي پرن تي پرواز ڪندي ۽ پنهنجي
سمنڊ جهڙي اڻاڪت خيالن کي مختصر ڪري هن
ناول ۾ ماڀيو آهي، اُن لاءِ فن کپي، جو مالهيءَ وٽ
موجود آهي.

ڪين معني ڏئي سگهي ۽ مقصد وارو ٻڌائي سگهي“

آخر ۾ آءٌ ائين ٿي چوندس ته اعليٰ ادب رڳو
پنهنجي دور جي پڙهندڙن لاءِ نه ٿو لکي.
ساڳيءَ طرح سان مالهي صاحب جا ٻول اڄ به نوان
آهن.

هجي، وسيع نظريو هجي، ادب جي سماجي ڪرداري هجي، زندگيءَ جي صحي تصوير ۽ رچنائمڪ تنقيد هجي...... نه اهو ناول، شاهڪار ڪري ليکبو.

چون ٿا هندستان جــي ادب تي ١٩٣٦ جي آس پاس، تــرقي پسند تحريڪ جو اثر ٿيو. پــر سنڌي ادب ۾ ان تحريڪ جــو عروج ورهاڱــي وقت ٿيو.

مالهي، ترقي پسند هوندي بـــه سندس ادب، پرچاري ادب نه آهي. هنجو زندگيءَ ۽ ڪلا ڏانهن صحي رخ آهي. اهو ئي سبب آهي جـــو سندس ناول، زنـــدگيءَ جي صحي تنقيد ۽ تصوير پيش ڪن ٿا ۽ نـــاول جـي فني ڪسوٽيءَ تي ڪـــرو اُترن ٿا.

مالهي صاحب تي نه ”فرائڊ“ جو اثر آهي ۽ نه ”جيمس جائس“ جو پر اثر آهي سنڌيت جو.

مالهي صاحب جي ناولن ۾ فني قوت، چرتر نگاري اعليٰ آکاڻيون، زندگيءَ ڏانهن صحتمند نظريو، ڀوناٽو ماحول وغيره ملي ٿو. هن صاحب سنڌي لفظن کي نئون روپ، نئين معنيٰ ۽ نئون مفهوم بخشيو آهي، اعليٰ اديب ژان پال سارتر جو چوڻ آهي ته :-

”وڏو فنڪار اهو آهي جيڪو لفظن کي اهڙيءَ طرح استعمال ڪري، جيئن هو پنهنجي مرضيءَ موجب

اِي ڪٿهن هنڌ ساڳيو ٿي عالم لکي ٿو: " ادبي تنقيد لاءِ نه فقط جديد ۽ قديم ادب جو وسيع مطالعو، زبان ۽ ادب جي مزاج جي پرک ۽ فن تحرير تي قدرت ضروري آهي، پر تنقيد نگار لاءِ گونا گون، گهري ۽ متوازن شخصيت ئي تنقيد کي صحي تنقيد بڻائي ٿي."

مون چاهيو آهي ته گهڻي ڀاڱي تنقيد ڪندڙ، يا رڳي ساراهه ٿو ڪري يا رڳو گلا ٿو ڪري. ڪي ڪي ته وري سائينءَ جا سنواريا ڪتاب ٿي نه لکي ڪتاب جي ليکڪ تي ٽا لکن.

منهنجي خيال موجب تنقيد نگار کي توازن رکڻو آهي .... تنقيد صحتمند ۽ تندرست هئڻ کپي. مطلب ته "تنقيد به تخليقي هئڻ کپي" ڇاڪاڻ ته اها ڪٿهن تخليق تي ڪئي وڃي ٿـي.

مالهي صاحب نه صرف سنڌي ٻوليءَ جو ويڄهر آهي پر هن جي ناولن جون ڪهاڻيون، ڪردار نگاري، واقع نگاري، سهڻي عبارت، خيالن جي اوچائي، عمدا ۽ زندگيءَ سان وابست وشئه ۽ روايي وغيره ساراهڻ لائق آهن. هن جي تخليق، حسن جي تخليق آهـي !

مالهي صاحب جي ناولن ۾ ڪهڙيون ڳالهيون مون کي راس نه آيون....... اهي مون هڪ الڳ باب ۾

اوک ۽ ٻوک

آءٌ مالهي صاحب جي ناولن تي تنقيد ڪيان اُن
کان اچو ته ڏسون ته تنقيد چئجي ڇاکي ٿو؟

جڏهن به ڪنهن ڪتاب تي ڪو ليکڪ يا عالم
پنهنجا رايا ظاهر ڪندو آهي ته اُن جو عنوان هوندو
آهي "سمالوچنا" يا "آلوچنا"، "تاثرات"، "تنقيد"
يا "ڪٿ".

تنقيد يا ڪٿ جو مطلب آهي ساهتيه جي ڪنهن
صنف تي ٽيڪا ٽپڻي..... ليکڪ پنهنجي ڪتاب ۾
ڇا ڏنو آهي ۽ ڇا ڪيس ڏيڻ کپي...... مطلب ٿيو
هڪ قسم جي ماپ ڪرڻ، ڪٿ ڪرڻ....رايو ڏيڻ.

آءٌ ڄاڻان پيو هر ليکڪ، تنقيد ڪو نه ٿو ڪري
سگهي، ان لاءِ ٻوليءَ تي دسترس کپي، ڪافي
مطالعو ۽ مشاهدو هجڻ کپي.

سنڌي زبان جي عظيم شاعر اياز ڪٿي لکيو
آهي.....

"سنڌي تنقيد اهڙي جانور جو نالو آهي جنهن
کي جهرڪيءَ جو منهن، ڪاريهر جي جڀ، چمڙي جون
اکيون ۽ اُٺ جي اوجهري آهي."

قاسيءَ کان اڳ، ڄڄو بادشاه کي پنهنجي پرتما زينت سان ملڻ نٿا ڏين. زينت ڪٽاري ڪڍي ڄڄو بادشاه کي ڏني ٿي ۽ کيس عرض ٿي ڪري ته هو کيس قتل ڪري. آخر اها ڳالهه ڄڄو بادشاه مڃي ٿو ۽ زينت، محبت جي مٿان گهور جي........ امر ٿي وڃي ٿي.

منهنجي خيال موجب، زينت کي مارڻ کان پوءِ ڄڄو بادشاه پاڻ کي به ماري ڇڏي ها ته بهتر ٿئي ها. انگريزن جي هٿان مرڻ جي کيس ڪهڙي ضرورت هئي؟

”عشق الاهي زاهد“....... هن ناول ۾ ٽي مکيه پاتر آهن ”گدو“، ”ستي“ ۽ ”مان.“

ناول جي پڇاڙيءَ ۾ ڏيکاريل آهي ته ستيءَ جو محبوب ”گدو“ گم ٿي وڃي ٿو يا ”ستي“، ”مان“ ڪردار سان شادي ٿي ڪري.

ناول نگار ۽ موجوده سماجي سرشتي کي نظرانداز نه ڪندي مالهي صاحب ستيءَ جي شادي غريب گدوءَ سان نه پر شاهوڪار ۽ پڙهيل ”مان“ ڪردار سان ڪرائي آهي.

اها ڪهاڻيءَ جي رڳو ابتدا آهي، پر پڇاڙيءَ ۾ گدوءَ کي گدا ڏر سوامي بڻائي ۾ گوا جي آزاديءَ لاءِ شهيد ٿي وڃڻ.......

ڏنيون آهن.

منهنجي خيال موجب مالهي صاحب جا اهي ناول جيڪي سنڌي جيوت تي آهن سي سانڍڻ لائق آهن.

هن صاحب پنهنجن اڏامندڙن جذبن کي نهايت ئي ڏات سان پنهنجن خوبصورت لفظن جي خوبصورت جار ۾ ڦاسايو آهي.

هن جي قلم جي قوت جو ڪمال اوهان کي ڏسڻو آهي ته هن جا ناول پڙهي ڏسو.

هاڻي اچو ته مالهي صاحب جي ناولن ۾ ٻيو پاسو ڏسون:-

”جن سوريءَ پاتئين سيج“ ناول ۾ مالهي صاحب ڏيکاريو آهي ته هرن جو سردار ٻچو بادشاهه تمام بهادر هو ۽ هن کان هر ڪو ڊڄندو هو. ٻئي ڪمشنر ليوڪس، ٻچو بادشاهه کي ڦاسائڻ لاءِ هڪڙي ڪيڏ ڪيڏي. ٻچو بادشاهه جي محبوبا زينت کي نظربند ڪيو ۽ ٻليورو ڏياريائين ته زينت کي اسلام ڪيو ويندو.

ٻليورو ٻڌي ٻچو بادشاهه پوليس جي اڳيان پيش پيو. هن تي ڪيس هليو ۽ آخر هن کي ڦاسيءَ تي چاڙهن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح هو شهادت جو جام پيئي ٿو.

موجب ۾ اچي ٿو وڃي.

”شرم بوني“، ”جيون ساٿي“ ۽ ”سونهن جا سوداگر“ وغيره مالهي صاحب جا ناول مارڪسزم تي ٻڌل آهن.......... پر انقلابي وچارن ۽ مارڪسوادي سڌانتن جي رنگ ۾ رڱجي مالهي صاحب، گڏوهه مان انقلابي ۽ مارڪسوادي نيتا گدائڻ سوامي پيدا ڪيو آهي ۽ ”ڏهي پرڏهي آيا“ جهڙي سنڌيت تي ٻڌل ناول ۾ به ڄاڻايو آهي.......... ”انسان فطرت ڪري هيچي آهي. هيچ وندي، اشوطيڪ پيداوار جا ذريعا قومي ملڪيت جا ٿين ۽ هر ڪنهن کي ترقي جا هڪجهڙا وجهه ملن.“

ڪنهن باب ۾ مون لکيو آهي ته اديب کي عظمت بخشڻ لاءِ هن ۾ پنهنجي ماڻهن ۽ مٽيءَ لاءِ محبت هئڻ لازمي آهي. ساڳي ڳالهه مالهي صاحب پنهنجن اکرن ۾ هيئن لکي آهي:-

”پوميءَ جي پيڙن کان ڪوه ساهتيڪار ۽ خاص ڪري ناول نويس چئل نه آهي... اهو ٽالسٽاءِ هجي چاهي گورڪي، شرت هجي يا پريمچند.“

آنهن ڏسان ونو ته مالهي صاحب جا اُهي ناول جيڪي سنڌيت، سنڌي سماج يا سنڌ باب آهن.. اُهي ٿن من ۽ دماغ کي وڌيڪ ڇهن ٿا ۽ پنهنجو نايات اثر ڇڏن ٿا.... سنڌي ساهت کي اهڙا ناول ڏيڻ لاءِ مالهي صاحب واڌايون لهڻيون.

.... اها ڳالهه پاڻڪن کي راس ڪونه ٿي اچي ۽ مون کي به نه وڻي. ستيءَ جي موت ڪاڇوءَ ناول کي وڏائڻ جي ضرورت، نظر نه پئي اچي.

مولڪي ڪڏهن ادبي دوست پڇندا ته ڪڏهن نقاد، وفا صاحب جي ٥٥٥ هائيڪو جي پيٺ، ٥٥٥ چاپ سگريٽ ۽ صابڻ سان ڪئي آهي. هاڻي اوهين پڇندا ته ڪٿي هڪ موسيقيءَ ۽ مينهن سان ڀريل شاعراڻي چيز، ”هائيڪو“ ۽ ڪٿي صابڻ ۽ سگريٽ؟ وفا صاحب ته هڪ مڃيل ۽ مهان شاعر آهي. ڪو اهڙو شاعر هجي ته هو دلڪشو ٿي سگهي ٿو. تنقيد مهل، نقاد کي اهو به سوچڻو آهي ته ليکڪ کي همت ۽ هٿي ملي........ ڪجهه چوڻو آهي ته اهو فنائتي اصولي چوڻو آهي. وفا صاحب جي هائيڪو لاءِ هيءَ ٽيڪا ٽپڻي پڙهي مولڪي به ڏک ٿيو........ الهيءَ ڪري ٿي شايد عظيم اديب اياز لکيو هو ته........

”غالب ۽ ذوق جي زماني ۾ به نقادن جي توهين ٿيندي هئي، پر هينئر اڻهوندگيءَ سان ٿيندي آهي.“[٣]

مالهي صاحب ڪٿي ڪٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ۽ مارڪسواد جي اثر هيٺ اچي ليکڪ جي اندران پرچارڪ لڀجي ٿو وڃي........ شايد اُن وقت هو اُن

مالهي صاحب، ادب جو ڪافي مطالعو ڪيو آهي ۽ انساني فطرت جي ڪيس ڄاڻ آهي، اُن ڪري سندس نظرئي ۾ نه، ڪافي وسعت آهي ۽ ناولن ۾ نواڻ آهي.

مالهي صاحب جي ناولن ۾ ڪي ڳالهيون مون کي ناگوار لڳيون، نه ڄڃيون ها انهن ڇڏجي نه راس نه آهون. "جن سوري پاتئين سيج" ناول ۾ مون کي اهڙيون به ڳالهيون نظر آيون.

(۱) دادي وساڻ جو بنگلو پٽي عثمان، پنهنجي زال لاءِ هڪ واپاريءَ جيان سٽيي ۾ سٽيي گراهڪ جي حق ۾ هو......... زال کي ڇٽڪ وڪڻڻ پٽي چاهيائين.

(۲) ڇتل پرڳڙي شهر مڙد هو. نمام بهادر هو. ڪيترا هن ڪان ڊڄندا هئا ننهن هوندي به هن پنهنجي جوان ڌيءَ، جنهن جو ناٿو زينت هو...... ان کي هرن کي ڏٽي وڃڻ ڏني. ڇو؟

مالهي صاحب لکيو: ڇتل پرڳڙيءَ جي رعب، حشمت ۽ دليري بنسبت ڪئين ڳالهيون ٻڌايون هيون. ڇتل جا ڇڪا ڇنائڻ ڪو ٻارانو کيل ڪونه هو.

اهڙو حشمت جو مالڪ به ٻڌي وڃيو ۽ اڃو بادشاهه جي ساٿيءَ خميسي جا سڀ شرط قبول تو

مالهيءَ جي من ۾ ساهت لاءِ لڳن آهي. هن ساهت لاءِ ڪٺور ساڌنا ڪئي آهي، ابياس ڪيو آهي، هن وٽ انڀوي من آهي، هردو آهي ۽ آهي ڏور اڳاهه.

"ڏاڍي پوڙهي ٿيا".... ناول ۾ ڪٿي ڪٿي وقت به وقت سنڌو نگر مان پنهنجي ساهيڙيءَ حليما، جا ٻاروشاهه سنڌ ۾ رهندي آهي، اُن کي خط لکي ٿي ۽ سنڌين جي حالتن جو به اُن وقت جو ورڻن ڪري ٿي. هوءَ پناهگيرن جي ڀيٽ ڀڪارين سان ٿي ڪري. اها ڳالهه به ڪنهن حد تائين ٺيڪ آهي ڇاڪاڻ جو اُن وقت سنڌين جون مالي حالتون اهڙيون هيون. پر ائين لکڻ ته "ڪئمپن جا نرواسي ڀڪاري ٿي ته آهن، ڀڪاري ماڻهو، ڀڪارين جهڙي ذهنيت ۽ گراوٽ..." ٺيڪ نه ٿو لڳي.

چون ٿا سنڌي زبان ۾ وسعت ۽ صلاحيت، خيالن جي انفراديت ۽ زبان جو حسن آهي.... جو هر ٻوليءَ ۾ نه آهي.

پر آءٌ ڀانيان ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جون اهي خاصيتون پنهنجي ساهت ۾ سمجهڻ لاءِ به ڪنهن ڏاس ڏٺيءَ جي ضرورت آهي. مالهي صاحب جا ناول پڙهڻ کان پوءِ مونکي سنڌي زبان جي وسعت، صلاحيت، خيالن جي انفراديت ۽ حسن حاصل ٿيو.

سمگلنگ ۾ سنڌي اڳرا آهن، اها ڳالهه مون کي
راس نه آئي.

”دلسي سيڻ کجن“ ناول ۾ شالو، جيوڻ کي
هلڪت هلڪت ڪري ٿي ڪوٺي. جيوڻ به هن
کي هلڪي هلڪي ڪري ٿو سڏي.

”شرم پوني“ ناول ۾ بازيگر ڇوڪري پرامي، رام
کي گالڌو ڪري ٿي سڏي.

مهاڳي ڇوڪري شالو ۽ بازيگر ڇوڪري پرامي ۽
جا اهي لفظ کي پاٺڪ هضم ڪري وڃن پر مون
کي اهي الفاظ راس نه آيا.

”محبت جي راه ٿي“...... هن ناول ۾ مکيه
ڪردار ”مان“ جي روپ ۾ آهي. هي ناول پڙهڻ
سان مون کي اهو اثر مليو ته مالهي صاحب فرضي
”مان“ واري ڪردار بابت لکندي پنهنجي
حقيقي ”مان“ لئي ٿو ٻڌائي وڃي. ائين نه ٿيڻ کپي.
اچو ته مثال وٺون :-

(۱) ”مان انڊين پيپلس ٿيٽر ايسوسيئشن ۾ سڀ
رهيو آهيان- ڊراما نگاريءَ جي حيثيت ۾ ته آرگنائيزر-
آفيس بيئرر جي حيثيت ۾. اڄ جي فلمي دنيا جا
ڪيترا نامور شخص منهنجا ساٿي رهيا آهن- اپٽا ۾.
هڪ نامور هستيءَ کي ته مان اڪثر ائين چوندو
هوس، ”تون ڪامياب ڪلاڪار ته ڇا ڪلاڪار ئي نه
بڻجي سگهندين.“

(۲) سنڌ ۾ مون پنڌ ورتو هو ۽ ڏنو به هو. مٺڙي، ٻي
شادي ڪندو هو ته شينهن هوندو هو ته به مٺو مڙس

ڪري. اها ڳالهه نه هلندي ته هڙو بهادر پنهنجي
غيرت کي ڪيئن نه ماري ڇڏي؟ جو هن جي
ساٿيون هن جي جوان ذيءَ کي ڪٽي نا وڃن؟؟ !
هو بس ڪري ته واهي.

اها ڳالهه ڇنل پرڳڙيءَ جهڙي بهادر جي شان
وٽان نه آهي.

”سندوءَ جي ڪناري“ ناول ۾ گوپال، ڇنڇل
کان ٿو پڇي؟ ”تون پولڙي ڇو ٿو اچائين؟ سند ۾
پولڙيون اچائيندا هئا بازيگر ۽ ڀاگڙي.“ تنهن تي
ڇنڇل گنڀيرتا سان چيو: هت مان ته اچايان ڇاڪاڻ
سنڌ ۾ مان اهو هنر ڪم نه ٿي وڃي.“

گوپال هيٺئين اهو مقصد پڌي سنتشٽ ٿيو.
چيائين، ”منهنجي شنڪا پوري ٿي.“

آنءَ پاليان پيو گوپال جي شنڪا پوري ٿي ته
منهنجي شنڪا شروع ٿي. هند ۾ اڇڙ کان پوءِ
پولڙيون اچائي ڇنڇل سنڌ ۾ جو هڪ هنر ڪم ڪرڻ
ٿو چاهي! اها ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي.

”سهڳاڻ“ ناول ۾ چاڪلال آهي......... سنگهه
صاحب لائيٽر سان چروٽ دکائي ۽ ٻه چار سونا هيرا،
پوءِ لماڪ چپاڙ پندي چيائين، ”السپيڪٽر دڙيالائي
ٿو کي مدد ڪندو. هو سنڌي آهي ۽ سهڳاڻ. ۾
سنڌي اڳرا آهن.“

اڻٽم باب

مالهي صاحب کانسواءِ سنڌي زبان جا ٻيا مکيه ناول نگار آهن سندري اتمچنداڻي، ڪرشن کٽواڻي، موهن ڪلپنا، آسانند مامتورا، سندر حشمتراءِ، هري همٿاڻي، هري موٽواڻي، پوپٽي هيرانندداڻي، ڪلا پرڪاش ۽ ٻيا. سرڳواسي مامتورا صاحب کي ته سندس هڪ ئي ناول "شاعر" امر ڪري ڇڏيو.

مالهي صاحب جا ناول گهڻي ڀاڱي "دک انت" نه پر "سک انت" آهن، "ٽريجڊي نه پر "ڪاميڊي" آهن، اُن آڌار انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته هيءُ صاحب سک درسي آهي يعني آشاوادي نظرئي جو حامي آهي "هڪ انسان جو طوفان"، "سونهن جا سوداگر"، "ڏاهي پرڏهي تيا"، "شرم پوئي"، "ديسي سپنا ڪجن" ۽ "مسوريءَ جي راڻي" وغيره سک انت ناول آهن.

انسان رڳو چڱو يا رڳو لنگو نه آهي، رڳو خراب يا رڳو سٺو نه آهي پر هو آهي ٻنهي جو مرڪب! "جن سوري پائين سيج" جو ٻيو بادشاه ۽ "سونهن جا سوداگر" جو پروفيسر انهيءَ ڳالهه جا مثال آهن. ٻيو بادشاه ذاتي ڀل آهي، هر آهي پر ڪڏهن نه ڪڏهن ۾

ٻڌجي ويندو هو. منهنجو بابو ساڻين ئي ايڪسيپشن
هو ۽ ان ڪري منهنجي ماڻيلي ماسي جڪ ڪاڻيندي
هئي. ماسڙ جي هوءِ ٻين زال هئي. هن ساهري گهر
قدم رکندي ئي، پنهنجي پيٽ جائي ٻار ڏيڻ کان
اڳ ئي ماڻيلي پٽ کي الڳ ڪرائي ڇڏيو ۽ هن جي
خواهش هئي ته منهنجو پيءُ به منهنجي وڏي ڀاءُ
کي الڳ ڪري ڇڏي. پاڻ جي شادي ٿي وڃڻ
بعد ته منهنجي ماڻيلي ماءُ ۽ ماڻيليءَ ماسيءَ پاڻ
کي الڳ ٿيڻ لاءِ هڪ ٻه ئي منصوبا سٽيا. مون
کي ٽاٽاري پاڻسان شامل ڪرڻ جي ڪوشش
ڪيائين ۽ مان شايد ڦسلجي وڃان ها، ملڪيت جي
لالچ ۾، پر منهنجي ڀيڻ جا مون کان وڏي آهي
۽ پاڻ کان اڪيلي آهي، اڪيلي هوندي کان ڪافي
وڏي رهي آهي. هن مون کي اُن ناپاڪ منصوبي
۾ شامل ٿيڻ کان بچائي ورتو. پوءِ به اهڙا
حقيقت رهي آهي ته گهڻو اڳ ٻين شاديءَ بعد
مرد، زال جو وڏيڪ کان وڏيڪ غلام رهندو آهي.

آن ٿ پالياڻ پيو ناول پڙهڻ کان پوءِ پاٺڪ کي
ائين محسوس ٿيڻ کپي ته هيءَ منهنجي آپ
بيتي آهي........ هيءَ جيڪ منهنجي ڪهاڻي سا
بدل ڏ ٿل ڳالهه آهي. ائين لڳڻ کپي ته ناول
نويس جي اُجي جيون ڪهاڻي آهي.

”جسي“ ھجي يا ”پاپي“، ”شانتي“ ھجي يا ”شانتي“ ”پريمي“ ھجي يا ”نردما“، ”آشا“ ھجي يا ”زامت“، ”گوپي“ ھجي يا ”گرپتا“، ”حليما“ ھجي يا ”سٽي“ …… سڀ جون سڀ من کي موھيندڙ ۽ دل ۽ دماغ تي اثر ڇڏيندڙ آھن.

ھن ڪلاونت اھي ڪردار خلقيا آھن جيڪي ٻين کان مختلف وسري ويا آھن …… ساڳي نوع ۾ عظيم انداز ڪٿي لکيو آھي: مان اھي سڀ ٻيھر لکڻ ٿو چاھيان جي ٻئي کان رھجي ويا آھن.

ڪو به شخص جمندي گنھگار يا خراب ڪو نه ھوندو آھي، ڪڏھن ڪا صدمو رسائيندڙ حالت، ڪڏھن ڪوئي سنجوڳ نه ڪڏھن ڪا مجبوري يا ڪمزوري، انسان کي گناھ يا خرابيءَ يا برائيءَ جي رستي تي چاڙھي ٿو ڇڏي…… پر انھن ڪولھي نه گناھ ڪندڙ يا برائي ڪندڙ سدا لاءِ گناھ يا برائي ڪندو رھيٿو……

ڪڏھن ڪا خوراڪ يا پاڻي وغيره نه ملڻ ڪري ڪو ٻوٽو يا وڻ سڪڻ لڳندو آھي…… انسان سان به ائين آھي.

—”جيون ساٿي“— ناول ۾ ”شانتي“، سماجڪ اوڻاين ڪري رسائل تي ٿـي پھچي …… پر پوءِ اڳتي ھلي ”گيان“ جي مدد ۽ مارگ درشن سان

ڪيڏي نه ساڳيو آهي! پنهنجي ذيءَ پيٽ ڪئي
پنهنجي ذيءَ پيٽ ڪرڻو ليکي- هو غريبن ڪئي نه
مدد ڪندو رهيو. پروفيسر صاحب جو المير،
من ۽ ووٽ سڀاڳو آهي. هو هميشه الڊر جو آواز
ٻڌي ٿو ۽ سندس من سچيت آهي ۽ هن کي وقت
۽ وقت ووٽ جا ويڙهون ٿيا. نه ته ايڏو پادشاه
جهڙي هر ۽ پروفيسر جهڙو سمگلر ڪنهن جو ووٽ
گهٽي پاڳي مري وڃي ٿو........ اهڙا ماڻهو گهٽي پاڳي
ووٽ جو آواز ٻڌن ٿي ڪونه!

— "سونهن جا سوداگر" ناول جي وڏي پد ماڻ،
گوورڌن سيٺ کان سمگلنگ ڇڏائڻ جو وچن ٿي وٺي
۽ ڪامياب ٿي وڃي.

"عشق ناهي راند" — ناول ۾ "مان" فرضي
ڪردار پنهنجي ۽ تعليم جي پل تي سڌيءَ کي حاصل
نه ڪري ٿو پر شاديءَ ڪانوءَ پهچائي ٿو.

— "هڪ انسان سؤ طوفان" وارو ڪاڪو سيٺ،
جواري، شرابي ۽ داداگير آهي پر لڏهن نه هن ۾
ڪيڏي نه ساڳيو آهي!

مالهي صاحب جي ناولن ۾ بالڪانون، استري
ڪردار پا سورمون وڏا اثردار آهن، وڏا
آپرال پا اڳرڀون آهن، وڏا بي پاڪ آهن. حاصل
مطلب ٿيو نه سورمن جو ٿي اول پالا آهي........ اها

سان ئي مخاطب آهن...... اها ڳالهه مان انڪري چوان ٿو ڇاڪاڻ جو هن صاحب، ڪنهن ناول ۾ لکيو آهي: ”جنهن سنڌيءَ شاهه لطيف جا ٿورا گهڻا بيت ياد نه ڪيا سو پاڻ کي سنڌي سڏائڻ جو حقدار نه آهي“.

جڏهن جڏهن اسان کي نا اسان جي پوئين کي سنڌ جي ڳوٺاڻي جيون جاچڻي ۽ ماڻڻي هوندي ته هن اسان کي ”شرم پوني“، ”عشق ناهي راند“ ۽ ”پيار جي شڪست“ وغيره اهي ناول پڙهڻا پوندا.

مالهي صاحب جي گهڻي ڀاڱي هر ناول ۾ (۱) پنهنجي ماڻهن ۽ مٽيءَ لاءِ پيار“ (۲) ”محبت“ ۽ (۳) ”مارڪسزم“ ملي ٿي ڇاڪاڻ جو سنڌيت ۽ سنڌ سان هن جو اٽوٽ رشتو آهي. محبت هڪ انساني عالمگير جذبو آهي ۽ مارڪسزم جي اثر هيٺ هو رهيو آهي.

مالهي صاحب جا ناول پڙهڻ کان پوءِ مان انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته مالهي صاحب...... فن براءِ فن نه پر فن براءِ زندگيءَ ۾ ئي وشواس رکي ٿو. هن جو انساني برادريءَ ۾ وشواس آهي ۽ هن پنهنجي قسمت دنيا ڀر جي مظلومن سان ڳنڍي ڇڏي آهي.

هوءَ عزت ۽ آن واري جهوٽ تي گهاري.

— "هڪ انسان سؤ طوفان" — ناول ۾ ڏاڪو، جسيءَ جي سنگهه ۾ اچڻ کان پوءِ هڪ نئون انسان ٿو بڻجي ۽ سنگهه کان پاسو ٿو ڪري.

— "شرم پوني" — ناول ۾ سندر لال ۽ ٻڍڙهيل ڳڙهيل رام جي سنگهه ۾ بازيگر نه سندري وڃن ٿا...... جي هونءَ حلال جي ڪمائيءَ کان ڪنارو ڪندا هئا.

مالهي صاحب جي هر ناول ۾ سوچڻ لاءِ ڪو نه ڪو نقطو نظر ضرور آهي....... هر ناول، هن صاحب ڪنهن مقصد سان يا ڪنهن نظريي جي انداز تي لکيو آهي. هو صاحب ڪو نه ڪو سنهو سٽاءُ ٿو وجهي .... مثال طور "انقلابي سپاهي". هن ناول ۾ مالهي صاحب، پنهنجي ديس جي آزاديءَ لاءِ قربانيءَ جو سنهو ڪڍي ٿو اچي.

ڪلاڪار پنهنجي لکڻيءَ ۾ الهاس محفوظ ڪندو ويندو آهي، هونءَ جهڙا الهن ڳالهين، حادثن ۽ گهٽنائن تي وقت جي دز چڙهي ڪين لٿي چڙهي ها! "ڏهي پرڏهي ٿيا" ناول ورهاڱي وقت سنڌ ۽ هند ۾ گهٽيل گهٽنائن کي محفوظ رکيو آهي.

هن صاحب جا ناول نه صرف اسان سان مخاطب آهن پر جهڪي سنڌي اچا چاوا ٿي نه، آهن انهن

جنهن کي به هن جي درشن ڪرڻ جو شوق هجي سو هن کي، هن جي رچنائن اندر ڏسي سگهندو.

چون ٿا سؤ امر سنتون ئي، اديب کي امر ڪري سگهن ٿيون. انگلنڊ جي اعليٰ اديب شيڪسپيئر لاءِ چوندا آهن جيڪڏهن هو صرف "سانيٽس" ئي لکي ها، ڊراما پلي نه لکي ها تڏهن به هو انگلنڊ جو مهان اديب ڪري ليکيو وڃي ها. ساڳي نموني آنءُ پاليان پيو ته مالهي صاحب جيڪڏهن ڪهاڻيون، ناٽڪ، ليک ۽ آتم ڪٿا وغيره نه لکي ها صرف ناول لکي ها، تڏهن به هو اعليٰ اديب ڪري ليکيو وڃي ها! هن جيترو، ڪنهن به سنڌي ساهتيڪار ڪونه لکيو آهي ۽ هن جيڪي ناول لکيا آهن سي تمام فنائتي نموني لکيا آهن..... انهن سڀني عنصرن جي ڪري، مالهي صاحب سنڌي زبان جو عظيم ترين ناول نگار آهي.

مالهي صاحب سنڌي ساهتيه جون جهوليون پنهنجن ناولن سان ڀري ڇڏيون آهن.

مرزا رسوا، اُردوءَ جي عظيم ناول نگار جنهن "امراءُ جان ادا" ناول لکيو هو اُن جا الفاظ مالهيءَ سان ٺهڪي ٿا اچن :-

"سهڻي صورت جي خدا ڏي نه اهي گڻ پي ڏي
حسن تقرير هجي، خوبي تحرير هجي."

— "جيون ساٿي" ناول ۾ گهڻان ڇوڙيو :- مظلوم عورت جي حق ۾ ٻه چار ڪهاڻيون لکڻ سان يا لنبا ليڪچر ڏيڻ سان ڪير ترقي پسند ٿي نٿو سگهي، جيستائين پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ هو پڻ ظالم مردن کان ڪنهن به ڳالهه ۾ بهتر نه آهي.

اها ڳاله جيڪا مون ڪئي هن صاحب جي ناولن مان پڙهي ٿي اها آهي ته "قرب جي مهما قربانيءَ ۾ ئي آهي".

"جيون ساٿي" ناول واري "ڪملا"، "پالي" ناول واري "پاپي" ۽ "عشق ناهي راند" واري "ستي"، قربانيءَ جو مجسم آهن.

هندي ساهتيہ ۾ ڪنهن ساهتيڪار جي ساهتيہ جو معيار "رس" مان ماپيو ويندو آهي. مکيہ "رس" آهن :- شرنگار رس، هاسيہ رس، ادڀت رس، شانت رس، واتسليہ رس ۽ ويــر رس وغيره.

مالهي صاحب جي ناولن ۾ اهي رس جهجهي انداز ۾ ملن ٿا.

مالهي صاحب پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ سان ڪٿي گهاگهر ۾ ساگر ته ڪٿي ساگر ۾ گهاگهر سمائي آهي.

مالهي صاحب پنهنجن ناولن ۾ ائين لڪل آهي جهڙيءَ طرح خوشبوءِ گل جي پنکڙين ۾ لڪل هوندي آهي.

مالهيءَ جي ناولن جا نالا

(۱) انقلابي سپاهي
(۲) آنسون
(۳) زندگيءَ جي راه تي
(۴) جيون ساٿي
(۵) پکيڙا ولر کان وڇڙيا
(۶) من جو ميت
(۷) فنڪار
(۸) لوڪ آهي پوڪ
(۹) شرم پوني
(۱۰) چنچل نگاهون
(۱۱) عشق ناهي راند
(۱۲) ڏيهي پرڏيهي ٿيا
(۱۳) ديسي سيٺ ڪهن
(۱۴) جن سوري پاتين سيج
(۱۵) پيار جي شڪست
(۱۶) هڪ انسان سؤ طوفان
(۱۷) پريتم وڃو پرديس
(۱۸) سمگلر
(۱۹) سنڌوءَ جي ڪناري
(۲۰) سونهن جا سوداگر
(۲۱) تون ، مان ، هوءَ
(۲۲) پيار جي پياس
(۲۳) محبت جي راه تي
(۲۴) مسوريءَ جي راتي
(۲۵) پاپي.

CI
50 Han

ناويلا

مغرب جي ٻولين جو هڪ پراڻو لفظ آهي ’ناويلا‘ جنهن جي معني آهي ڪا نئين چيز، ڪا نئين ڪهاڻي. ناول اکر اُن ’ناويلا‘ مان نڪتل آهي.

’رشي ٽالسٽاءِ‘ انساني اخلاقي ڪمزورين ۽ لالچن کي پنهنجي انوکي انداز ۾ پنهنجن ناولن ۾ ظاهر ڪيو آهي. ’هيمنگوي‘ جذبن جو ڪهاڻيڪار آهي. هن ڪردارن جي جذبن کي سهڻي گفتگوءَ جي ذريعي ناولن ۾ پيش ڪيو آهي. ’موپسان‘ انسان جي ڪمزورين کي نهايت فنڪاريءَ سان پنهنجي ڪهاڻين جو مواد بڻايو. ’اوهينري‘ تجسس واري پڇاڙيءَ جي معرفت، پنهنجين ڪهاڻين جي ڪردارن کي پڙهندڙن سان تعارف ڪرائيندو آهي. سندن چهرن تان ماسڪ لاهي، سندن اصلي روپ ڏيکاريندو آهي. ’ترگنيف‘ پنهنجي لازوال ناولن ۾ وڇوڙي ذريعي محبت جي جذبي کي امر ڪري ڇڏيو آهي. ’خليل جبران‘ وري پنهنجي دردن، وڇڙي ويل محبوبن ۽ اڻ پورين خواهشن ۽ خوابن کي لفظن جو روپ ڏنو آهي. ناول نگار ’ايمائل زولا‘ انساني نفسيات، جذبن، اُمنگن ۽ ڪيفيتن کي لکڻ ۾ ماهر آهي.

’ٽئگور‘ جي ساهت ۾ ڀارت جي پراڻي تهذيب ڌانهن روحاني سوجهي آهي. ’منشي پريمچند‘ وري ڌرتيءَ کي وڌيڪ ويجهو آهي. ’مالهيءَ‘ جي ناولن جي مول وشيه آهي زندگي. فن برائي زندگي. هن زندگيءَ جي الڳ الڳ رنگن روپن جو چٽر چٽيو آهي- مالهي سنڌي سپيتا جو معمار آهي.

— هولارام هنس

BEST SINDHI SABHA- Mumbai- 400039.

Designed By: RAM LALCHANDANI (ART SPOT), MUMBAI, TEL: 4465972 - 4464134.